# گونجيا گيت "حيدر" جا

موضوع
ڪافيون - وائيون - بيت - گيت - غزل



مصنف

## سيد حاجي غلام حيدر شاھ "حيدر" قلندري

آشيانۂ قلندري بستان تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ

ڇپائيندڙ
انجمن غلامان قلندري
ڪنري

# گونجيا گيت "حيدر" جا

موضوع

## ڪافيون - وائيون - بيت - گيت - غزل

مصنف

سيد حاجي غلام حيدر شاھ "حيدر" قلندري

آشيانءِ قلندري ٻستان تعلقو ڪنري ضلعو عمرڪوٽ

ڇپائيندڙ

انجمن غلامان قلندري

ڪنري

## سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ



| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | ------------ | ”گونجيا گيت ”حيدرُ“ جا |
| ليکڪ | ------------ | سيد حاجي غلام حيدر شاهه ”حيدر“ |
| ڇاپو | ------------ | پهريون ، جون 2015ع |
| تعداد | ------------ | 1000هزار |
| ڇپائيندڙ | ------------ | ڪانيو خان ڪپري |
| مرتب | ------------ | زاهد حسين ڪپري |
| ٽائيٽل | ------------ | ارسلان قريشي |
| ڪمپوزنگ | ------------ | محمد رفيق ميمڻ |
| ڇپيندڙ | ------------ | نيو امتياز پرنٽنگ پريس ميرپورخاص |
| مُلهه | ------------ | ٻه سئو پنجاهه روپيه |

# "منسوب"

هي ڪتاب آئون پنهنجي والد محترم قبلہ سائين حاجي رب ڏنو شاھ ۽ منهنجي جانشين سيد علي حيدر شاھ جي نالي سان منسوب ڪريان ٿو ۽ رب العزت کان دعا آھي تہ هي ڏيئو روشني پکيڙيندو رهي .

**سيد حاجي غلام حيدر شاھ "حيدر" قلندري**

ٻستان - ڪنري

## شجره هاشماڻي پهراج سادات بستان

# سيد علي حيدر شاھ بن سيد حاجي غلام حيدر شاھ

### (موجوده گادي نشين درگاھ جيجہ بيبي مٺي رح)

بن سيد رب ڏنو شاھ بن سيد صديق محمد شاھ بن سيد
غلام نبي شاھ بن سيد هاشم شاھ بن سيد لطيف شاھ
بن سيد هاشم شاھ بن سيد فضل شاھ بن سيد لطيف شاھ
بن سيد هاشم شاھ بن سيد شاھ اسماعيل شاھ پهراج بن
تاج محمد شاھ عرف شاھ طريل (خواجن جو ستون پير)
بن صدر الدين شاھ بهاولپور (اُچ شريف) بن نصر الدين
شاھ بن شمش الدين شاھ بن صلاح الدين شاھ بن اسلام
الدين شاھ بن مومن شاھ بن احمد شاھ بن هاشم شاھ بن
محمد شاھ بن هادي شاھ بن غالب شاھ بن عبدالجمال
شاھ بن منصور شاھ بن مسافر شاھ بن سيد امام الدين
شاھ بن محمد شاھ بن اسماعيل شاھ بن امام جعفر
صادق رح بن حضرت باقر رضہ بن امام زين العابدين
رضہ بن حضرت امام حسين رضہ بن حضرت علي ڪرم
الله وجهہ.

# ڇپائيندڙ طرفان ٻه اکر

الحمد الله رب العالمين والصلوات والسلام علي خاتم النبين والمرسلين

بعد حمد و صلاة جي عرض ته اسانجي مرشد ڪريمن جا وڏا عربستان مان هجرت ڪرڻ بعد ايران کان ٿيندا هتي سنڌ ۾ آيا. سيد صدرالدين شاهه ولد سيد شهاب الدين سن 720هه ۾ تولد ٿيو ۽ 12 رجب سن 819 هجري ۾ وفات ڪيائين . سندس مزار اُچ شريف آهي. سندس پنجن پٽن مان هڪ پٽ سيد تاج الدين عرف طريل شاهه تبليغ جي خيال سان سنڌ ۾ آيو. صاحب موصوف وڏي ڪاني ڪرامت جو صاحب هو. سندس بزرگي ۽ ڪرامتون ڏسي ڪيترائي راجپوت ، سوڍا دين اسلام ۾ داخل ٿيا جن کي سائوند (ساند)ڪري سڏجي ٿو. پاڻ سن 872 هجري ۾ وفات ڪيائون ۽ سندن مزار ديهه درماٽي تپه چانيري تعلقه ٽنڊوباگي ۾ آهي. ڪيس شاهه اسماعيل نالي پٽ ڄائو. جنهن کي پهراج جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

(نوٽ پهراجاڻي جي واقفيت حاصل ڪرڻ لاءِ سندن خاندان جي موجوده پاڳاري سيد غلام حيدر شاهه سيد ربڏنه شاهه ولد سيد صديق شاهه " پستان" واري وٽ مڪمل شجره موجود آهي. اتان واقفيت حاصل ڪري سگهجي ٿي) ڳالهه پئي هلي شاهه اسماعيل جي جنهن جو مزار لڳ ڳوٺ سيد محبوب علي شاهه پڙيءَ تي موجود آهي. شاهه اسماعيل هيرل واري کي اٺ فرزند ٿيا جن مان اڳتي هلي ڪيترائي پاڙا ٿيا. جي ڏار ڏار

ٻه شئي سان دل نه لڳي . ٻي رياءُ جهڙس ٻيو ڳوليو ليي . سچ هرهڪ کي چئي ڏيندو . انهيءَ معاملي ۾ پنهنجن يا پراون جو تفاوت نه رکندو . ٻاجهه ۽ ترس کائڻ ته ڪو وٽانئس سکي، ڪنهن مسڪين يا محتاج متعلق ڪجهه ٻڌندو هو ته پنهنجي وس آهر وجي سندس پُرگهور لهندو هو. روزي ۽ نماز جو سخت پابند ، اهي خدمتون اڳتي هلي وڌيڪ راسخ ۽ مضبوط ٿيون ، ننڍي هوندي کان وٺي مولود ، مداحون ۽ صوفيانه ڪلام ٻُڌڻ جو شوق هوندو هو. جنهن ڪري عشقِ مصطفيٰ جي آڳ پڙڪو کائي اُٿي ۽ زبان مان بيت بي اختيار نڪري نروار ٿيڻ لڳا. اُنهيءَ وقت سندس عمر 7_8 سال مس هئي . ننڍڙي عمر ۽ حياءُ ڪيس مانع هو جنهن ڪري 5_6 سال پنهنجو ڪلام مخفي رکندو آيو مگر ڪٿوري ڪيئن لِڪي رَهي. سائينجن جو ذوق ۽ شوق ڏسي ارادو ڪيم ته سندس ڪلام گڏ ڪري ڇپارايو وجي ته جيئن عوام اهو محسوس ڪري حالانڪ سائين جا نثر ۽ نظم جا اڳ ۾ به شايع ٿيل آهن پر هڪ گڏيل شعرن جو مجموعو " گونجيا گيت حيدر جا" جي نالي سان شايع ڪيو پيو وجي .بيشڪ رب تعاليٰ جڏهن ڪنهن کي چاهي ٿو ته اُنهيءَ جوسينو اسلام لاءِ ڪشادو ڪري ڇڏي ٿو. عاشقن جو قول آهي ته " در ...اني توبه کردن شيوه پيغمبري است"

راقم الحروف

**ڪانيو خان ڪيريو**

0344-3452537
E-mail:_hydersh:ah!yahoo.com

" ٿيا تماچيءَ جام سين، مُهاڻا مُحروم،
ننڍي وڏيءَ گنڍريءَ، مٿي مازي ڏوم،
جي ڪينجهر، جي روم، سي سڀ انعامي ٿيا." (شاھ)

هتي بہ ٻوري جي ڪپ تي، ڪنري واري ڳُن پَر! مُهاڻن جو وڏو راڄ رهندو هو. سندن پرئي مڙس کي ڪو نرينو اولاد نہ هو جنهن ڪري سندس جاگير جون وارث سندس ٻئي نياڻيون ٿيون. وڏيءَ پيڻ جو نالو ٻستان ۽ ننڍي پيڻ جو نالو ڪنجهيجي هو. انهيءَ ڪري اهي ٻئي ڳوٺ سندن نالي سڏجڻ لڳا. اهڙي ريت ڳوٺ ٻستان جو بنياد پيو. زماني جون لکين لاهيون چاڙهيون اچن ٿيون. جن جي ڪري ڪئين وسندڙ شهر ويران ٿيو وڃن تہ ڪئين اُجڙيل شهر آباد ٿيو پون. ٻستان کي بہ اهڙا سوين دور ڏسڻا پيا. ڪئين گهوٽ آيا جي اڏيل ڪوٽ ڇڏي وڃي مقام جا مقيم ٿيا. شاھ صاحب چيو

" ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙھ مقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏيندين ڪيترو"

اهڙي ريت هيءُ (ٻستان) بہ ڪئين بار آباد ٿيو تہ ڪئين ڀيرا اُجڙيو. تقسيم هند و پاڪ کان اڳ هتي سيد، مينگهواڙ، مالهي ۽ واڻيہ (لوهاڻہ) رهندا هئا.

## "واڻيا (لوهاڻا)"

هي سنڌ جا قديمي باشندا آهن جي سنڌ جي مختلف حصن کان ٿيندا لاڙ واري ڀاڱي ۾ رهيا. جتان لڏي اچي ٻستان ۾ رهيا. سندن مکيہ ڌنڌو وڻج واپار آهي. تجارتي پيشي

۾ تمام پڙ آهن وڏا وڏا ڪاروبار هٿن ۾ هئڻ ڪري منجهن پئسو ﺑﻪ ججهو هوندو هو. سندن پٽيل يعني مُکي سيٺ راسومل نالي هوندو هو تنهن بعد مُکي ويرسي مل ٿيو. تقسيم هِند بعد گهڻا لڏي هندستان هليا ويا. مگهن مل ولد ڏيوجي مل جي ڪُٽم مان اجان ﺑﻪ ڪيترائي شخص موجود آهن . سيٺ مگهن مل ولد ڏيوجي مل ولد ڪسومل ولد آنند مل جا چار پٽ هئا. 1ـ مولچند 2ـ اوڏينومل 3ـ ڏرمداس ۽ 4ـ ڪلومل - مولچند کي ﺑﻪ پٽ ڪارومل ۽ ڪلومل نالي پيدا ٿيا . اُڏينو مل جا پڻ ﺑﻪ پٽ دلو مل ۽ پيرومل نالي ٿيا . ڏرمداس کي چيلارام نالي هڪ پٽ ٿيو. جنهن هاٽي "ﭙﺴﺘﺎن پيٽروليم سروس" نالي پيٽرول پمپ قائم ڪري وري نئين سر ﭙﺴﺘﺎن جو نالو روشن ڪيو آهي . اهڙيءَ ريت ڪلومل کي ريجهومل ۽ آسنداس نالي ﺑﻪ پٽ ٿيا جن مان اڳتي هلي سوين افراد پيدا ٿيا جي هتي موجود آهن .

## مينگهواڙ (هريجن)

هيءُ ﺑﻪ واٽين وانگيان هتي جا پراڻا رهواسي آهن سندن اصل وطن مارواڙ (جوڌپور) هو. هندو ڌرم ۾ ڀڳتيءَ جو مرڪز هنن جو ئي شيوو هو. ڪين سندن سماج ۾ "رکيه ڀڳت" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. راجپوت خاندان جي سورج وسني جي شاخ آهن سي ﺑﻪ ڪين سلام ڪرڻ ۾ " رکيا جي پاءِ لاڳون" چئي سلام ڪرڻ ۾ پهل ڪندا آهن ۽ رکيه ڪين دعا ڏئي پوءِ ڪين چوندو " ناڳر جي جنهار"

# سائوند قوم جو بنياد ۽ سندن سيدن سان سڱابندي

سيد تاج الدين عرف طريل شاهه ولد سيد صدرالدين شاهه تبليغ جي خيال سان سنڌ ۾ آيو. ناري واري پاڳي ۾ راجپوت سوڍا رهندا هئاجي نه صرف جاگيردار هئا بلڪ ڏاڍا مڙس به هئا . هندو ڌرم ۾ ذاتين جا چار "ورڻ" مقرر ٿيل آهن. برهمڻ- کتري يا ڇتري- 3- مئش ۽ شودر- برهمڻ پاڻ کي ايشور (الله) جي مُک مان (منهن) پيدا ٿيل سمجهن ٿا. جڏهن ته کترين لاءِ سندن چوڻ آهي ته اُهي سيني مان پيدا ٿيا آهن، مئش بازو مان ۽ شودر پيرن مان پيدا ٿيا آهن- انهن کترين ۾ راجپوت سوڍا به هڪ قوم آهي انهن جاگيرن وارن سوڍن سيد طريل شاهه کي ڏاڍو تنگ ڪيو. آخرڪار شاهه صاحب انهن ٺڪرن جي تڪليفن کان تنگ ٿي سندس دونهي ۾ ليٿي انساني صورت بدلائي شينهن جو روپ اختيار ڪري وٺي گجگوڙ ڪرڻ لڳو تنهن تي سوڍن کي اچي ساهه جي لڳي. سيئي مڙئي اچي شاهه صاحب جي پيش پيا، طريل شاهه وري پنهنجي اصلوڪي روپ ۾ آيو. ڪيترن ئي سوڍن بروقت دين اسلام قبول ڪيو جي اڄ تائين سوڍا سائوند سڏجن ٿا. انهن نومسلم سائوند مان سيد طريل شاهه شادي ڪئي جنهن مان شاهه اسماعيل "هيرل وارو" پيدا ٿيو. سيد طريل شاهه شاديءَ بعد وري اچي ٿنڊي باگي ۾ رهيو. جتي 872هجري ۾ وفات ڪيائين- سندس مزار ديهه درماٺي تپه چانيري ٿنڊي باگي ۾ آهي. 1971ع واري جنگ ۾ انهن ٺڪرن مان ڪيترائي لڏي هندستان هليا ويا. باقي چند ٺڪر رهيا جي هن وقت ڳوٺ پابوهر تعلقه منيءَ ۾ رهن ٿا-

قصو پئي هليو سائوندن جو- جي ناري جا اصل رهاڪو هئا . جي پنهنجي سُک سانگي لڏي ڪي ڪٿي تہ ڪي ڪٿي وڃي ويٺا. جوڌپور جي ڇُهتن ضلع ۾ ڳوٺ سائون ۾ اڄ پڻ وڏو راڄ سائوندن جو رهي ٿو. جن مان ڪي گهر تقسيم هند و پاڪ بعد تہ ڪي گهر 1965ع ۽ 1970ع واري پاڪ ڀارت لڙائي بعد لڏي اچي هتي چيلهہ ۽ ٻستان ۾ رهيا . انهن سائوندن مان ڪامل سائوند جي نياڻي درياهہ خاتون سيد هاشم شاهہ ولد سيد لطيف شاهہ جي گهر ۾ هئي جا عبدالحليم ولد ونهيون سائوند (جو سيد صديق شاهہ جو خاص خدمتگار ٿي رهيو آهي.) جي سوٽاڻي پڦي ٿيندي هئي.انهيءَ سگ ڪانسواءِ سائينداد سائوند جي نياڻي نالي سنگهار سيد عدل شاهہ ولد سيد مجيد شاهہ "تارياڻي وارو" جي گهر ۾ هئي . اها سنگهار پڻ عبدالحليم جي پڦي ٿيندي هئي. سيد عدل شاهہ کي انهيءَ گهر مان حُرمت بيبي نالي نياڻي ڄائي جنهن جو نڪاح سيد حاجي غلام نبي شاهہ ولد سيد هاشم شاهہ سان ٿيو. جنهن مان سيد صديق محمد شاهہ ۽ سائين عدل شاهہ پيدا ٿيا . جيئن تہ سيد صديق محمد شاهہ جي والده حرمت بيبي ، عبدالحليم ولد ونهيون سائوند جي پڦيءَ جي ڌي هئي تنهن ڪري سيد صديق محمد شاهہ کيس ادباً مامون ڪري سڏيندو هو . اهو لفظ مامو اڳتي هلي اهڙو تہ مشهور ٿي ويو جو ننڍا وڏا سيد تہ ٺهيو پر ٻيا عام ماڻهو بہ کيس مامون ، مامون ڪري سڏڻ لڳا ۽ اهڙيءَ ريت عام ۾ سندس نالو مامون مشهور ٿي ويو-

## "غير قومن جو وارد ٿيڻ"

پاڪستان جي ٺهڻ بعد هتي جا قديم باشنده هندو لوهاڻا جججهي تعداد ۾ لڏي هندوستان هليا ويا ۽ سندن جاءِ تي مسلمان مهاجر اچي رهيا. اُنهن مهاجرن مان هتي ٻستان ۾ رانگڙ ۽ مارواڙي ٻه قومون اچي آباد ٿيا. معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ سندن مختصر تذڪره پيش ڪجي ٿو.

## "رانگڙ قوم جو مختصر احوال"

قائم خاني قوم وانگر رانگڙ پڻ راجپوت خاندان مان آهن. 1947ع جي ورهاست وقت هنن کي سخت تڪليفون سَهڻيون پيون. سندن ڳوٺن کي ڪافرن جا اچانڪ گهيرا ٿي ويا جتي سَر تريءَ تي رکي منجهن ڪاهي پيا. مرندا ۽ ماريندا، مهينن جو سفر پيرن پياده ڪاهيندا اچي پاڪستان پهتا. هي مهاجر سيالڪوٽ کان وٺي ٿرپارڪر ضلع جي مختلف ڳوٺن ۾ اچي آباد ٿيا. ٻستان ۽ سندس پسگردائي ۾ رهندڙ رانگڙ، هندوستان جي ضلع حصار روتڪ، گڙگاوان ۽ هرياڻه ضلعن جي ڌار ڌار ڳوٺن جهڙوڪ لوهاري، ٻِتساڻا، ٻُٽياڻي، ٻاتِڙا، سامَڙ، سينپڙِيا، پُونا، رَتيرا، جاٽُو ساڻا، چاندي، ڪِلانور، ڪانر، چيهڙ، ٻُرٽر، ٻَرٽل، ۽ موڙي وغيره مان هتي پهتا. پاڪستان ۾ رهندي 35-40 سال ٿيا آهن، اج ٻه پاڻکي انهن اڳوڻن ڳوٺن جي نالن سان منسوب ڪندا آهن. هندوستان ۾ ڪنهن سينپڙيه ڳوٺ جي رهاڪو پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ لوهاري ڳوٺ ۾ رهندڙ کي ڏنو هو ته اج ٻه هتي پاڪستان ۾ اچڻ بعد چاهي ڪنهن ٻه ڳوٺ

وٺي اچي هنس جو ڪم پورو ڪيائين. جڏهن هنس کي تير لڳو ته درد مان دانهن ڪري چوڻ لڳو ته

"تيـــــر لڳـــا هنسا گِــــرا، ري هَـرِيـــل بَنسِ،

هم صحبت بيٺي نيچ ڪي، اج ماري گئي هنس."

اهڙيءَ ريت ڏوهيڙا وغيره ڏيئي مٿان قصي سان ٺهڪندڙ ڪافيون چئي انعام حاصل ڪندا آهن. پسٽان توڙي پسگردائيءَ ۾ رهندڙ رانگڙ ڏار ڏار ٽُڪن ۾ ورهايل آهن. جهڙوڪ پنوار، چوهاڻ، راگهوُ، باگڙي، نرواڻ، جاٽوُ، سنديه، ۽ نردڪيا وغيره

## "مارواڙي قوم جو مختصر احوال"

1947ع کان اڳ پوري ملڪ ۾ ڪيترين ئي رياستون هونديون هيون جي نوابن ۽ راجپوتن جي زير فرمان هونديون هيون. جوڌپور به هڪ رياست هئي. مارواڙ اُنهيءَ رياست جو هڪ حصو هئي مارواڙ ۾ ڪيترين ئي قومون آباد آهن جنهن ۾ هندو تمام گهڻا آهن جيئن ته راجپوت، واڻيه، مالهي، ٻاوا جهڙوڪ "گري، پُري ۽ ناٿ" وغيره ٻاٽ، چارڻ، برهمڻ، جاٽ، شِر ماڙي، سونارا، ريباري، گُرڙا، مينگهواڙ ڀيل، ڪولهي، ڪنيار، سوٿهڙ، نائي، وشنوئي، سانسي، ساٽيا، وڻجارا، ڪٽي، ميٺا، پنگي، گهانچي، گواريا، جنداوڙا، ڪبوترا گُڙٻي، ورتيا، ڪلال، سامي، جوڳي، موچي، ٻاوڙي، پوري، باگڙيا ۽ ٻيون قومون آهن. مسلمانن ۾ وري سيد، مغل، پٺاڻ، قائم خاني، سِراني، شيخ، تيلي، ڌوٻي، حجام، ڪنيار، ڪاسائي، ڇيپا ۽

پاتي قومون آباد آهن . هيءَ قوم (پاتي) ٻارهن نُکن (قبيلن) ۾ ورهايل آهي جيئن تہ چوهاڻ ، پاتي ، بدوُنيا، ٻهادر پريا، ڪانيوا، اغواڻ ، ٻانپڙ ، ٻاٽيا ، ڪوڪر ، ملتاني ، ميئو ۽ ڪونيڙا وغيره ، ماروا ڙ ۾ انهن ٻارهن ئي قبيلن جا ڏار ڏار ڳوٺ هوا . جهڙوڪ سُوپڪو ، منوگرڙو ڪارو گرڙو ، گرڏاري پورا ، ٽاٽو ، چان باسٽي سارني ، رُوڙو ، ميڏاسٽي ، مڙام ، شيئوو ، ملان ، ڦوڳٽي ، سردارپورا ، ڪيچڪ ، نُوئو ، ڪينچا باسٽي ، ڍاٽي ، ڪٽڪٽو ، پيپاوان ، رُوئان ، گوردارسر ۽ ديوري وغيره - اهي ننڍڙا ننڍڙا ڳوٺ تعلقہ ڍيڍواٽي ۾ آهن ، هاٽي ڍيڍواٽو ضلعو آهي . اهو سمورو علائقو ريگستاني آهي . ماٺهو اڻوجهہ ۽ بي علم ، رڍ ٻڪري خريد ڪري وڪٽي گذارو ڪن . مِينهن وسي تہ کيتي ٻاڙي ڪن . سندن سپ ريتون رسمون هندن جهڙيون - هولي ، ديوالي ۽ ٻيا تهوار ملهائڻ ، سورج ديوتا ۽ جيٺان ماتا جي ميتا ميڃڻ ، قريبي رشتيداري کي ناجائز سمجهڻ ، ايتري قدر جو چوهاڻ ، چوهاڻ کي يا بدونيہ ، بدونيہ کي سگ ڏيڻ بہ قبول نہ ڪندا هئا . ديني علم کان غير واقف ، ايتري قدر جو نالن جي بہ خبر نہ هُين تہ هي بہ ڪي اسلامي نالا آهن يا ڪِ غيرمسلم نالا آهن . هتي اچڻ بعد جڏهن محسوس ڪين تہ اهي هندن جا نالا آهن تڏهن تبديل ڪري اسلامي نالا رکيائون . جهڙوڪ ڪِشنو مان قاسم . هرديو مان حيدر خان . بلديو مان ولي محمد . پدمي مان نور محمد . رتني مان رحمت الله . ڪمون مان قمرالدين . ڏنو مان اڪبرخان وغيره وغيره - ڪي تہ سگورا اهڙا بہ آهن جن اُنهن نالن کي وڏيڪ شرف ڏنو . جنهن

ڪري پاڻ تان اهو نالو بدلائڻ بہ گوارا نہ ڪيو ۽ اج بہ انهيءَ نالي سان سڏجن ٿا ، جيئن تہ (گٽپٽ)وغيره ، هن علائقي ۾ ڪوبہ گوڙ گهمسان نہ هو. ملڪ غير آباد ۽ ٻڪيو. هِنن ٻُڌو هو تہ سنڌ سرسبز ۽ سائو ملڪ آهي هندن جي لڏي وڃڻ ڪري سندن گهر گهاٽ پڻ خالي پيا آهن ملڪ آزاد۔ نہ ڪنهن جي غلامي ڪيڏٽي پوندي، اهي سُک سنيالي 1950ع ۾ ڪي سانگهڙ ۾ ۽ ڪي ڪنري ۽ ٻستان ۾ اچي رهيا . سانگهڙ وارا بہ 10۔12 سالن بعد لڏي اچي ڪنري ۽ ٻستان ۾ رهيا . ڏڪئي ملڪ کان آيل ۽

ڏک ڏٺل هتي اچي هر قسم جي ڏنڌي ۾ جُنبي ويا، ٻچن کي تعليم ڏياريائون . اج هر هڪ تعليم يافتہ ، هنرمند ۽ نوڪريءَ وارو ٿي نہ رڳو سڪيو پيٽ پالي رهيو آهي بلڪ سُٺي جائيداد جا مالڪ بنجي ويا آهن . منجهانئن پراڻيون رسمون بہ رفتہ رفتہ نڪري چڪيون آهن . تعليم حاصل ڪرڻ ۽ مختلف قومن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪري منجهن چڱي سجاڳي بہ پيدا ٿي آهي . سندن نئين نسل ۾ علمي شعور ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اڳتي هلي اهي پنهنجي نئين ملڪ جا سچا خير خواه ۽ سپوت ثابت ٿيندا .

## "سيد خاندان"

تمام جهان ۾ سيني نسلن مان اعليٰ اُتم ، وڏي شرف ۽ بزرگيءَ وارو نسل " سيد خاندان" آهي . ڪين اهو مرتبو ۽ مانُ سردار دوجهان ، مالڪِ ڪَون وُ مڪان حضرت محمد رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن جي نسبت سبحان عطا ٿيو آهي .
الله تبارڪ و تعاليٰ انهيءَ بزرگ گهراڻي کي دنيا جي ڪُنڊ

ڪُڙيچ ۾ پکيڙي ڇڏيو آهي. هنن سگورن جا سوين پاڙا ۽ قبيلا آهن . اسان هتي جن سيدن جو ذڪر ڪرڻ چاهيون ٿا سي "پهراج ۽ هاشمي " لقب سان مشهور آهن. سيد اسماعيل شاهه کي پهراج جو لقب مليل هو. جنهن ڪري سندس اولاد کي پهراجاڻي ڪري سڏجي ٿو. ( نوٽ:- پهراج سيدن جي معلومات "شجره سادات ٻستان" مان معلوم ڪندا جو پاڳاري سيد غلام حيدر شاه سيد ربڏنه شاه وٽ موجود آهي)سيد اسماعيل شاهه جا اٺ فرزند ٿيا جن مان هڪڙو سيد هاشم شاه (اول) هو. ڪيس سيدلطيف شاه (اول) نالي پٽ ڄائو. جنهن مان سيد فضل شاه پيدا ٿيو. سيد فضل شاه تائين سندن وڏا هيرل ڪان ٿيندا اچي چيلهه پهتا ۽ پوءِ ٻستان ۾ اچي منزل انداز ٿيا. سيد فضل شاه مان سيد هاشم شاه (دوم) نالي پٽ ڄائو. جنهن مان وري سيد لطيف شاه (دوم) نالي فرزند پيدا ٿيو. اهي سمورا سيد عالم فاضل ۽ ڪامل ولي الله ٿي گذريا آهن . سندن ڪرامتون ۽ فيض ڏسي لکين ماڻهن اچي ڪانئن بيعت ڪئي. اڄ به شاه لطيف جا لکين مريد سنڌ ، ناري ، ڪڇ ۽ هندوستان ۾ موجود آهن . سيد لطيف شاه کي سيد هاشم شاه (سوم) نالي هڪ ڏهيسر پٽ ڄائو جنهن جا ڪي خاص خدمتگار اڄ به ٻستان ۾ موجود آهن . هن ناليري سيد ڪري پويان پاڻ کي هاشماڻي سڏائين ٿا . سيد هاشم شاه کي ڇهه پٽ ڄاوا ، 1- سيد غلام نبي شاه 2- سيد صديق شاه 3- سيد گنهور شاه 4- سيد عالي شير شاه 5- سيد فضل شاه ۽ 6- سيد جان شير شاه - سيد غلام نبي شاه هڪ درويش صفت سيد هو، پيرن ، فقيرن ۽ عالمن جو

تمام گهڻو قدر ڪندو هو. سخي تہ جهڙس ڪو ڀُوليو ليپي! ڪو سائل وٽس لنگهي ايندو هو تہ ڪيس خالي ڪڏهن بہ نہ واپس ڪيائين . پاڙي جو خيرخواهہ ۽ مسڪينن تي ساهہ ڏيندو هو. هروقت وٽس مسڪينن ۽ محتاجن جي محفل متل رهندي هئي . خوش طبع بہ ڏاڍو هو. سندس ڪچهري ۾ دل ٺاريندڙ ۽ خوش خلق انسانن جي تہ کوٽ ئي نہ هئي. ڪيڏو بہ اُداس ۽ مايوس شخص هڪ گهڙي سندن قرب واري ڪچهريءَ ۾ آيو تہ سُرهائي ۽ شادماني جون جهوليون ڀري واپس ورندو هو. الله تبارڪ و تعاليٰ کين حرمين طيبين جي زيارت پڻ نصيب ڪئي . اِهائي سِڪ سندس سيني اندر تادمِ زندگي قائم رهي -

## "ٽالپر - سيد دوستي"

سدا نہ باغان بلبل بولي، سدا نہ موج بهاران دي،
سدا نہ حسن جواني هووي، سدا نہ صحبت ياران دي.

ٽالپر جيئن تہ سنڌ جو هڪ مشهور حاڪم گهراڻو ٿي گذريو آهي جن جي دور حڪومت جا سُنهري ڪارناما تاريخ ۾ نمايان طور ظاهر آهن . حڪومت وڃڻ بعد بہ وڏين وڏين جاگيرن جا مالڪ ٿي رهيا آهن . سندن اعليٰ ڪارڪردگيءَ سببان کين خانبهادر، سردار بهادر ۽ نواب صاحب جهڙا شاندار خطاب مليا . اُنهن ميرن مان اسان جو مرحوم و مغفور ڏاڍو، سردار بهادر نواب مير حاجي الله داد خان ولد مير امام بخش خان ٽالپر بہ هڪ ٿي گذريو آهي. نوابي ۽ سرداري هوندي بہ سندس طبيعت فقيراڻي هوندي هئي . درويش فقيرن، عالمن ۽ سادات

خاندان سان خاص سُٺنڊ هوندو هو. ساڻن محبت جي ناتن وڌائڻ لاءِ هرممڪن جَتن ڪندو هو. اهوئي سبب هو جنهن ڪري سندس نينهن جو ناتو سيد حاجي غلام نبي شاه سان روز بروز وڌندو رهيو. سندن ملاقات ۾ چند ڏينهن جو ويڇو پئجي ويندو هو ته ورهن جو وڇوڙو سمجهي نئين سر نذرانا ۽ تحفا موڪلي بيهر الفت جو آغاز ڪندا هئا. هڪ لڳا اهڙيءَ طرح دنياوي ڏنڌن ۾ مشغوليت ڪري ملاقات ۾ ڪي ڏينهن گهاريءَ جا پئجي ويا ته نواب صاحب پنهنجي مال مان اعليٰ قسم جون اَٺ ٻڪريون تحفي طور شاه صاحب ڏانهن اُماٺيون ۽ معذرت ڪيائون ته " قبلا سائين! ناراض نه ٿجو. فرصت جي ڪمي ڪري ديدار ڪرڻ ۾ دير ٿي ويم، اُميد ته اِجهي اچي اندر جي اُڪير اُجهائيندس. هوڏانهن شاه صاحب پنهنجي چاهت وارن چانگن مان چار ڪرها ڪاهي نواب صاحب ڏانهن نذرانه طور موڪليا. وڏا پنهنجو وارو وڄائي ويا. انهن جا لڪ احسان جو نندن ۾ پڻ اهوئي نينهن جو ناتو اڄ تائين قائم آهي ۽ باري تعاليٰ جي بارگاه ۾ دعا بست آهيون ته الاهي اِنهيءَ محبت واري رشتي کي هميشه هميشه قائم ۽ دائم رک. سيد حاجي غلام نبي شاه جي فرزند سيد صديق شاه صاحب سان پڻ ساڳيون ئي سلوڪ رهيو.

## "سيد صديق شاهه جي ولادت"

شاه صاحب جي جنم جي پوري خبر ناهي، پر جنهن صورت ۾ سندس رحلت 1405هه مطابق 11 آڪٽوبر 1984ع

۾ واقع ٿي ۽ ان وقت سندس عمر ڇاونجاه سال هئي ، تنهن صورت ۾ قوي گمان آهي تہ سندس ولادت 1928ع ڌاري ٿي هوندي . اسان اڳي ڄاڻائي آيا آهيون تہ سيد عدل شاه ولد سيد مجيد شاه تارياڻي واري کي ڪو نرينو اولاد نہ هو . صرف هڪ نياڻي هئي . سيد عدل شاه پنهنجي پارسا نياڻي جي لائق ٿيڻ تي سندس لائق وَر ڳولهڻ لاءِ هتي پهتو . ڪيترن ئي سيدن ڪانئن سڱ جي گُهر ڪئي مگر عدل شاه انڪار ڪيو . جڏهن شاه صاحب جي نظر شهزادي غلام نبي شاه تي پئي (جو اُنهيءَ وقت پنهنجن اُٺن چارڻ ۾ مشغول هو) تہ سندس سادگي ۽ درويشي چال ڏسي پنهنجي نياڻيءَ جو ڪيس سڱ ڏنائين . جنهن مان سيد غلام نبي شاه کي پهريائين ٻہ نياڻيون ۽ پوءِ سيد صديق محمد شاه ۽ سيد عدل شاه پيدا ٿيا .

## ”تعليم و تربيت“

اُنهيءَ وقت ٻستان عروج تي هئي . واڻين جو وڏو راڄ رهندو هو جي وڏا واپاري هوندا هئا . رهواسين کي هر قسم جي سهوليت ميسر هئي - منجهس ٿاڻو ، ڊڪ ، پوسٽ آفيس ، پاڻيءَ جا تلاءُ ۽ اسڪول وغيره موجود هئا . 1934ع ڌاري سيد صديق محمد شاه کي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو . انهيءَ زماني ۾ پهرئين سال ٻاراڻو ڪلاس پاس ڪري پوءِ پهرئين درجي ۾ پڙهائيندا هئا . سندن اُستاد آسنداس نالي ڇيلهار جو هڪ برهمڻ هو . مسلمان ڪي چند ڇوڪرا هوندا هئا باقي سڀ هندو - اميراڻو ۽ سيداڻو ٻار ، وري مائٽن جو دادلو سو وڌيڪ پڙهي نہ سگهيو .

سببن ڪري ڇھ درجا پڙهي اسڪول ڇڏي ڏنائين . اسڪولي تعليم دوران فقير حاجي ڳاڙهو ڪپري کان قرآن پاڪ ، ابوالحسن جي سنڌي عهد نامون ۽ نور نامون وغيره بہ پڙهيو هوائين ـ بعد ۾ پنھنجي والد صاحب کي زميندارِي ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندو هو. سيد حاجي غلام نبي شاھ جيئن تہ وڏو مالدار هو، وٽس تنهن وقت 400 کن ڏڳيون ، 80ـ70 مينهون ، هزار کان وڌ ٻڪريون انھن ۾ بہ هرهڪ قسم جا الڳ الڳ ولر ۽ 50ـ60 اُٺيون هونديون هيون . ڳالهہ تا ڪن تہ 7ـ8 مزدور تہ صرف کير ولوڙڻ تي مقرر هوندا هئا . روزانہ 2 ٽين گيھ جا ٺهندا هئا . ڏڳا ۽ گهوڙا تہ شاھ صاحب جھڙا ڪنهن ورلي وٽ هوندا . ننڍپڻ ۾ سيد صديق محمد شاھ گهوڙي سواري بہ ڪندو هو. واٽين واري دور ۾ گهوڙن جو مشهور ملاڪڙو لڳندو هو. جنھن ۾ سيد جن پنھنجا گهوڙا هڪلي داد حاصل ڪندو هو ، ڏڳن جو بيحد شوقين هوندو هو. سموري ٻني ٻاري جو ڪم پيءُ جي حياتيءَ ۾ ئي پاڻ سنڀاليندو هو. هڪ دفعي ٻني گهمندي هارين کي ڪيڻ هٽندي ڏٺائين ، هاريءَ جو ڪم ڪيس پسند نہ آيو جنھن ڪري ڪيس هٽائي پاڻ ڪيڻ هٽڻ لڳي ويو. سندس والد سيد غلام نبي شاھ ٻنيون گهمندو ڦرندو اچي ڏسي تہ صديق شاھ سجو مٽيءَ ۾ پريو پيو آهي . شفقت مان منهن تان هٽڙا گهمائي چوڻ لڳو تہ " اهڙي ٻني ئي گهوري جا منهنجي ٻچڙي کي هيڏو هلاڪ ڪري " پيءُ کي عرض ڪيائين تہ قبلا! پورهئي ۾ ڪو مھٽو ڪونهي ـ چوندا ڪين آهن تہ " اَلکا سِبُ حَبِيبُ اُللهَ" شاھ صاحب کي اهي ٻول ڏاڍا پسند آيا ۽ پنھنجي حياتيءَ ۾ ئي سمورو ڪاروبار سندس حوالي ڪري ڇڏيو.

# "ازدواجي زندگي"

1945ع ۾ جڏهن سندس عمر سترنهن ورهين کي پهتي تہ سيد جان شير شاه ولد سيد هاشم شاه جي نياڻي ءَ سان عقد نڪاح ٿيو جنهن مان 1946ع ۾ ڪيس ربڏنہ شاه نالي پٽ ڄائو. ربڏنہ شاه اڃا ٽن ڇئن سالن جو مس هو تہ سندس والده گذاري ويئي. ربڏنہ شاه جي تولد ٿيڻ کان سُتت ئي پوءِ سيد صديق محمد شاه بيمار ٿي پيو. ڪافي علاج وغيره ڪرايا ويا مگر جيئن پوءِ تيئن بيماري ويئي زور وٺندي - عمرڪوٽ ۾ ڊاڪٽر هرچندراءِ سوٿهڙ جو چڱو ناماچار هو وٽانئس دوا ڪرائي ويئي مگر ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. وڏيرو مريد خاصخيلي (مرحوم) ۽ بين ننڍيڻ جي ساٿين جي چوڻ تي ڊاڪٽر هرچند جي دوا ڇڏي حيدرآباد جي حڪيم سلطان احمد کان دوا ڪرائي ويئي. ڇهہ مهينا ساندهہ سندس دوا هلي. ڪجهہ فائدو ٿيو تہ وري بہ ساڳيون ئي حال - چون ٿا تہ شروع ۾ هاشم حجام نالي هڪ حڪيم ڪيس مُشڪ جي سُئي هنئي هئي جنهن ڪري بيهوش ٿي ڪري پيو. ترت ئي الحاج پير عبدالعزيز جان سرهندي کان علاج ڪرايو ويو جنهن مان قدري فائدو ٿيو. پوءِ جنهن جو ٿي ڏس مليو تنهن جو ٿي علاج هلايائون. آخرڪار شاه صاحب وچي هڏين جو پنجرو رهيو. هر والد کي پنهنجو اولاد پيارو هوندو آهي مگر سيد غلام نبي شاه جهڙو نرم دل جو پراون تي پساهہ ڏي، تنهن جڏهن پنهنجي ٻچي جي ههڙي حالت ڏٺي سو ڪٿي ٿو برداشت ڪري سگهي؟ حڪيمن ۽

طبيبن جا سمورا حيلا ختم ٿيا تہ پنهنجي مرشد جي مقبري تي ڏهو ڪڏي وچي ويهي رهيو. ڏهن ڏينهن بعد گهر اچي پنهنجي پٽ تان ست دفعہ اورانگهي چوڻ لڳو تہ "ابا صديق شاه! اج تنهنجو پيءُ توتان گهيٽو ٿي قربان ٿئي ٿو. اُٺ! اُٿي پنهنجي ڪم ڪار ڪي لڳ ۽ منهنجي هاڻي موڪلاڻي آهي" ايئن چئي پنهنجي وڏي نياڻيءَ کي گهرايائين، ڪيس رب جي رضا تي راضي رهڻ ۽ صبر جي تلقين ڪري ڪٺ تي سمهڻ لڳو، نوڪر کي چيائين تہ مونکي ڪنڌ هيٺان ٽيڪ ڏيئي سمهار. جُتيءَ مان هڪ پير ڪڍي چڪو ٻئي پير جو آڱوٺو اڃان جُتيءَ ۾ اٽڪيل هو تہ ڪلمون پڙهندي روح پرواز ڪري ويو.

اِنا لِلہ وَانا اِليہ رَاجعون

مـون سي ڏٺا مـــاڻ، جنين ڏٺو پرين ءَ کي،
ڪري نہ سگهان ڪاڻ، اُنين سندي ڳالهڙي.

اهو واقعو ماهہ مارچ سن 1950ع جو آهي. پاڪستان نهندي تقريباً ٽي سال گذري چڪا هئا. سائوندن سان سڱابندي اڳيئي هين، جي وقت بوقت وٽن سائون (جوڌپور) کان ايندا ويندا هئا. جي ٻہ چار مهينہ رهي ڪري وري پنهنجي وطن هليا ويندا هئا. سيد غلام نبي شاه جي اهليہ حرمت بيبي، سيد عدل شاه جي نياڻي هئي جنهن جي والده سنگهار. غلام جي ڏاڏي جي ڌي يعني سڳي پڦي ۽ عبدالحليم ولد ونهيون جي سوٽاڙي پڦي ٿيندي هئي، انهن ناتن ڪري ٻاڙمير وارن سائوندن مان سڀ کان اول غلام محمد سائوند هتي آيو جنهن اچي سيد غلام نبي

شاه جي خدمت ڪئي. شاه صاحب جي وفات جو ٻڌي اهو غلام محمد ۽ عبدالحليم ٻئي ڄڻا عذر خواهيءَ جي خيال سان هتي پهتا عبدالحليم اڳيئي سيد صديق شاه جي خدمت ڪندو هو مگر هن پيري ڪيس وڏيڪ تنگ ڪيو ويو تہ تون اسان وٽ رهہ! ٻچڙيوال مڙس ٻارن ٻچن ڪانسواءِ رهي بہ ڪيئن سگهي؟ مڙس هوشيار ۽ فهيم ....! سيد صديق شاه جي طبيعت تي اهڙو پئجي ويو جو ڪيس پاڻ کان هڪ گهڙي بہ پري نہ ڪري، ڪجهہ عرصہ خدمت گذاري ڪري وري پڇيو وڃي. هوڏانهن صديق شاه کي ٻئي ڪنهن جي ٿهل ٽڪور پسند نہ اچي جنهن ڪري پٽيندو هوس تہ ” الله ڪري سندس زال مري تہ مون وٽ رهي ويهي منهنجي خدمت ڪري“ ٿيو بہ ايئن جو ترت سندس گهر واري گذاري ويئي ۽ اهو آسرو لاهي ٿانيڪو ٿي ويهي رهيو. هوڏانهن علاج معالجہ جاري رهيا. ڪاڏو خوراڪ گهٽجي ويا. هر وقت ڪٽ جي حوالي! نہ گوڙ گهمسان سهي نہ ڪنهن جو آواز وڻي. ٽنڊي جان محمد ۾ محمد حيات نالي هڪ حڪيم رهندو هو وري انهيءَ جو علاج چالو ٿيو. طويل بيماريءَ ڪري طبيعت البتہ وهمي ٿي پيئي هئي. معمولي ڳالهہ جبل جيان ڏسڻ ۾ ايندي هئي. ڪنهن جي دوا ۾ ذرو فرق گهٽ ڏسڻ ۾ آيو تہ ڪيس ڦٽو ڪري وري ٻئي ڏانهن رجوع ٿيندو هو. هر هڪ حڪيم جي پنهنجي دوا ۽ پنهنجي پرهيز ڪرائڻي انهيءَ ڪري ڪيس هاڻي ڪنگهہ جو بہ اثر ٿي پيو. هاڻي ٽنڊي جان محمد واري حڪيم کي ڦٽو ڪري وري ڊوري ناري جي حڪيم محمد امين سومرو جو

علاج چالو ڪيو ويو حڪيم صاحب هڪ خاڪو ميٽي رنگ جوءِ شربت ڏيندو هو جنهن جي استعمال ڪرڻ سان البته فائدو ٿيندو هو، ڇڏڻ سان وري به ساڳيون حال! نيٺ آخر حيدرآباد واري ڊاڪٽر خان وٽ وڃي فوٽو ڪڍايو جنهن ظاهر ڪيو ته ٽي - بي آهي. حيدرآباد دکن کان هڪ فوجي ڊاڪٽر اچي ڪوئيٽه ۾ رهيو جو ٽي - بي جي علاج جو ماهر هو، ڪوئيٽه مان وري ميرپورخاص آيو. شاه صاحب وٽس پنهنجي علاج لاءِ ويو. 4 سال سانده علاج ڪيائين جنهن مان ڪيس فائدو ٿيو، پوءِ به علاج هلندو رهيو. تانجو انهيءَ مرض تي مڪمل ڪنٽرول ڪري ڪُلي شفا حاصل ٿي. هاڻي گوشت وغيره کائڻ لڳوءِ جسم جو وزن به وڌڻ لڳو مگر پوءِ قبضِي جو عارضو ٿي پيوءِ گيس وڌي ويو. ڪِن شخصن صلاح ڏني ته پير فضل رحيم سرهندي گيس جي علاج جو ماهر آهي تنهن ڪري شاه صاحب ڪانئس وڃي علاج ڪرايو. ٻه سال علاج هليو جنهن ۾ پير صاحب پهريائين ڪي عرق پياريندو هو ۽ پوءِ ڪمونيه ڪارايائين. ڪمونيه جي ججهي استعمال ڪرڻ سان آنڊو اهڙو ته نرم ٿي ويو جو منجهانئس وري دستن جو عارضو پيدا ٿي پيو. دستن کان اڪيئي ٻڇندو هو جنهن ڪري پير صاحب جو علاج ڇڏي وري وڃي ڊاڪٽر هرچند کان علاج ڪرايائين. جنهن مان ڪيس فائدو رسيو. تنهن بعد هميشه لاءِ سندس ڊاڪٽر هرچند ٿي رهيو. ڪڏهن ڪا دوا ڏيندو هو ته ڪڏهن ڪا - ٻيون بيماريون ته ڇڏي وبس باقي صرف گئس جو عارضو رهيو.

جنھن لاءِ ڊاڪٽر وقت بوقت دوائون بدلائي ڏيندو رهيو ، کاڌي پيتي جي پرهيز تمام گھڻي ڪندو هو. وهم ايڏو ڪندو هو جو جيڪڏهن ماک وغيره پوندي هئي ته قطعاً جڳهه مان ٻاهر نه نڪرندو هو .ٽائيم تي کاڌڻ ٽائيم تي چانهه پيئڻ ته ٽائيم تي سمهڻ ۽ اُٿڻ وغيره مقرر ڪيل هوندا هئا. جنھن ۾ ترِ جيترو به تفاوت پوڻ نه ڏيندو هو ، اهڙي ريت پنھنجي صحت لاءِ هر ممڪن اُپاءَ اختيار ڪندو رهيو . آخر ۾ معدي ۽ جيري جو عارضو ٿي پيو . ڊاڪٽر هرچند جي علاج مان فائدو نه ڏسي حيدرآباد جي ڊاڪٽر علي محمد چوڌري کان علاج شروع ڪيائين ۽وقتي فائدو ٿيو ته وري به ساڳئي حالت - اڪثر اوقات هينئين تي هٿ رکي سُور جي شڪايت ڪندو هو. وري به هرچند ڏانھن هليو جنھن چڱي طرح تپاسي نالو رکي ڏنو ته سائين ءَ کي ته ڪينسر ٿي ويو آهي . بس پوءِ ته پيون واڪائون سڀ بند ٿي ويون ، وڏيڪ تسلي لاءِ چار شوري ويا جتي ڊاڪٽرن به ساڳئي ڳالھ ڪئي ۽ اهو پڻ چيائون ته مرض انتها تي پهچي چڪو آهي ، هاڻي سندس علاج انگلئنڊ ۾ پڻ اڻ لڀ آهي. سڀ آسرا پلي ڳوٺ آيا. شاه صاحب کي تسلي ۽ دلاسا ڏيڻ لاءِ نري واري حڪيم کي وٺي آيا جنھن خاڪا ۽ ڪُشته وغيره ڏنا مگر بقول شاه عبداللطيف جي ته:-

" انڌا اونڌا ويڄ ، ڪل ڪڄاڙيا ڪانئيين ،
اسان ڏکي ڏيل ۾، تون پيارئين پيــڄ ،
سُوري جنين سيڄ ، مـــرڻ تن مشاهدو"

بس آخر تاريخ 11 آڪٽوبر 1984ع بروز آچر صبح 9-00 بجي هن فاني جهان مان ڪوچ ڪري وڃي پنهنجي حقيقي محبوب سان مليو.

اِنا لِله وَاِنا اِليه رَاجعُون

" فاني ڙي فاني ! دنيا دم نه هيڪڙو،

لتي لوڙهه لتن سين ، جوڙيندءِ جاني،

ڪوڏرءِ ڪاني ، آهه سِر سيڪنهن .

(شاهه رحه)

سائين صديق محمد شاهه جي ظاهري دنيا مان رحلت بعد دنيا جي دستور مطابق شمشي پهراج سادات جو ڏهون سجاده نشين اڪيلو فرزند سيد ربڏنو شاهه کي قبله مخدوم طالب المولىٰ پڳ ٻڌائي . سائين ربڏنو شاهه ان وقت اولڊ تعلقه سامارو جو چيئرمين ۽ ميمبر ڊسٽرڪٽ اولڊ ٿرپارڪر هئا . آهسته آهسته وقت گذرڻ سان سندن طبيعت روحانيت ڏانهن غالب ٿيندي ويئي . بابا سائين احمد علي قريشي جي صحبت سندن زندگي ۾ وڏي تبديلي آندي . پاڻ عمرو ۽ حج ڪرڻ فرمايو ۽ دنيا کان گوشه نشيني اختيار ڪري ذڪر ۽ فڪر ۾ محو رهڻ لڳا. وفات پائڻ کان اڳ ۾ ٻه - ٽي مهينا پاڻ ٻڌايو ته اسانکي حضور پُرنُور صلي الله عليه وسلم خواب ۾ درشن ڪرايو ۽ حڪم فرمايائون ته اسان سان اچي ملو . سو پاڻ پنهنجي زندگي جون دنياوي، دينوي ذميواريون پنهنجي وڏي فرزند حوالي ڪيائون ۽ ان کي يو - سي جو ناظم پَڻ بڻايائون . پاڻ 2005ع ۾ درود پاڪ ۽ علم

سان دنيا فاني مان بقا الاهي ڏانهن راهي ٿيا. سندن جاءِ تي سندن وڏا فرزند سائين غلام حيدر شاه کي 11 هون گادي نشين مقرر ڪيو ويو . سائينجن پنهنجن وڏن جي دستور کي قائم رکندي پنهنجي وڏي پٽ سيد علي حيدر شاه کي دنياوي ذميواريون سونپي پاڻ روحاني ۽ تبليغي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويا . پنهنجي درگاهن ۽ خانقاهن جي تعمير تي توجهه ڏيڻ لڳا . الله سائين سندس ۽ سندن خاندان کي اسان لاءِ ڇپر ڇانوَ ناهي۔

(سيد عبدالرحمان شاه عڪسِ قلندري)

# حاصل حضور "حيدر"

سيد غلام حيدر شاھ "حيدر" جي شاعري بابت ڪجھ لکڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. سائين غلام حيدر شاھ جي شاعري تمام سُٺي ۽ سباجھي محسوس ٿئي ٿي . سندس شاعريءَ ۾ آسان سنڌي ٻولي استعمال ٿيل آهي جيڪا ٻولي ٻهراڙيءَ جو هر سنڌي ماڻهو روز مره ڳالهائيندو رهندو آهي . ان سان سندس شاعري سليس ۽ سهڻي ٿي ويئي آهي - هر ماڻهو سندس شاعريءَ کي نہ صرف پڙهي سگهي ٿو مگر سمجهي بہ سگهي ٿو. اها هڪ سٺي شاعر جي لاءِ تمام ضروري پڻ آهي . پاڻ هونئن تہ تقريباً مختلف صنفن ۾ شاعري ڪئي اٿن مگر غزل ۾ سندن ڪافي شعر موجود آهن . ان ڪري کيس غزل جو شاعر چئي سگهجي ٿو. نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي نعت گوئي ۾ پاڻ تمام گهڻي طبع آزمائي ڪئي اٿن جنهن سان سندن عشقِ نبي پاڪ بلڪل ظاهر ٿئي ٿو. مثال طور سندن هڪ غزل هن طرح آهي تہ:-

"هزارين حُسن وارا مُنتظر هڪ نظر جا،

مخفي صورت محبوب جي معشوق ٻٽي من تي،

حاصل حضور "حيدر" جيڏانهن اک ڪجي ٿي،

سامهون سڄڻ صحن تي"

سائين غلام حيدر جي شاعري هڪ پيغام آهي جيڪو صحيح معنيٰ ۾ انسان کي سڌو رستو ڏيکاري ٿو. محبت ڪرڻ جو ڍنگ ۽ طريقو سيکاري ٿو. مجازي عشق جون منزلون پڻ سمجهائي

ٿو. مجاز مان حقيقت طرف وڃڻ جو آسان گس ٻڌائي ٿو جيڪو پيار جو اظهار ھُو پنھنجي شاعريءَ ۾ ڪري ٿو اُھو پيار ڪو دنيا وارو پيار ھرگز نہ آھي مگر ان پيار جو پرچار ڪري ٿو جنھن سان فنا في الشيخ، فنا في الرسول ۽ فنا فاالله جي مقام تائين ھڪ سچوءِ صاف رستوءِ گس ثابت ٿي سگھي. پاڻ ھر ان سالڪ ۽ طالب ڪي اھا واٽ ڏسي ٿو جنھن سان ھُو بنا ڊپ ۽ خوف جي ۽ آساني ۽ آرام سان منزل يا ماڳ تي پھچي سگھي ۽ صحيح معنيٰ ۾ ان جي لذت حاصل ڪري سيراب ٿي سگھي- جيئن سندن ھن شعر ۾ ڏسو.....

" نــعري نينھن ڪيا عطا مست منصب اسان تي،
نہ رھيو ھــوش سالم نـــہ خوف ھـجـــوم خطرو،
سامھون سجـــڻ ڪرايا ڪھڙا ڪسب اسان تي،
عشق ڪرائي اسان ڪان اھڙي رسم ادا "حــيـدر"
واعــظـــن ڏنــا وري ڪُـفر جا لـقـب اسان تي"

سندن فنا في الشيخ وارو رستو حضرت موليٰ علي ڪرم الله وجھہ جن سان واصل آھي ۽ سندن عشق ۽ محبت ۾ لبريز ھن طرح سان ڪلام چيل آھي جنھن ۾ ھُو عقيدت جا گُل نڇاور ڪري رھيو آھي.

" منھنجو مرشد علي آھي رھنما علي آھي،
عاشقن جي عشق جي سا انتھا عــلـي آھي،
"حيدر" ڪي حيدر جي نالي جي نسبت سان،
استاد پاڻ ٻڻجي آيو سِڪ سدا عــلـي آھي "

سندن شاعريءَ ۾ ھڪ اھــڙو درس آھي جيڪو دنيا واري محبت ۾

هرگز نہ هوندو آهي . سندس درس ۾ اهو اعليٰ قسم جو پيار موجود آهي جنهن جو اظهار ڪري ٿو ۽ واقعي ان پيار جو دستور دنيا وارو دستور نہ هوندو آهي بلڪ اهو بلڪل نرالو هوندو آهي. جيئن پاڻ چيو اٿن :-

" دوست دوستيءَ جا دستور نرالا ٿيندا آهن ،
هن عشق جا پنهنجا منشور نرالا ٿيندا آهن ،
عاشق اکين اشاري، سرڙا رکن سجدي مگر ،
سامهان محب منڙا ، مغرور نرالا ٿيندا آهن ،
دل تي هٿ رکي سچ پچ ٻڌايو "حيــــدر"
اُوهان کي وسارڻ جا وهلور نرالا ٿيندا آهن "

سندن غزل ۾ ڪافيءَ جو رنگ نمايان محسوس ٿئي ٿو جنهن کي اگر ڪافي چئجي تہ غلط نہ ٿيندو ، جنهن ۾ سندس شاعري واري وصف ۽ ان جي رنگ ، ڍنگ ، خوبصورتي ۽ سليس زبان جو هر نقاد بہ اعتراف ڪرڻ کان رهي ڪين سگهندو. مثال طور سندن هي شعر پيش ڪجي ٿو:-

پرين جي پيار جون ڳالهيون ، ڳٽڻ ڪان پر ڳريون آهن ،
ڪجن جي ٿيون ڪڏهن ظاهر ، چون ٿا سڀ چريون آهن .
1. رکيم سر ساهہ سان سانڍي ، وِهاري منجهہ اندر پنهنجي ،
ڪٽيو گڏ پيو وَتان گهمندو ، ياڪرن منجهہ پريون آهن .
2. سوالن ۽ جوابن ڪان ، خيالن ۽ خوابن ڪان ،
وَٽي ويون پرين جي پيرن جون تِريون آهن .
3. اسانکي ناهي غرض ڪنهن سان ، نہ رکون لوڀ ڪا لالچ ،
اسان ماٺهو ملنگ "حيدر" ، اسانجون ڳالهيون ڪريون آهن .

هي شاعريءَ جو سندس ٽيون ڪتاب آهي. وڏي اُميد رکجي ٿي تہ آئينده بہ پاڻ اجا بہ سٺي نموني سان وڌيڪ حوصلي ۽ محنت سان شاعري ڪندا رهندا ۽ ماڻهن کي اجا بہ وڌيڪ سندس شاعريءَ مان لطف حاصل ٿيندو. هي ڪتاب بہ تمام سٺي محنت سان تيار ٿيل آهي جنهن ۾ سندس شاعري تمام سٺي، دلچسپ ۽ فڪر انگيز محسوس ٿئي ٿي.

الله تعاليٰ کين اجا بہ وڌيڪ ڪاميابي ۽ ڪامراني نصيب فرمائي. آمين

**پير بهاءُ الدين "بها" سرهندي**

**درگاهہ شريف مٽياري**


# لکڻ شرط آهي

ساراھ ان ستار جي جيڪو اڪيلو آهي ، بي نياز آهي ، صلواتون ۽ سلام سندس محبوب صلي الله عليہ وسلم تي . ٿورڙا اُن سڄڻن جا جن هِن ڪتاب کي سيڙهي گڏ ڪري ڇپرايو . وڏي محنت زاهد ڪپري جي جنهن ڪيترن سالن کان ننڍڙي (ڏاڏاسائين)عبدالرحمان شاھ سان گڏجي شعرن کي چونڊي ڪمپيوٽر ۾ ڪمپوزنگ ڪري ان قابل ڪيو جو شائع ٿيڻ لاءِ راھ هموار ٿي سگهي. وڏا قرب ڪانيو ان ڪپري جا جنهن مون کان لڪ لڪوٽي ۾ عبدالرحمان شاه سان ملي پهرئين منهنجي ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن " هو جي هليا هنگلور" شائع ڪرايو ان ڪانپوءِ هن ڪتاب کي آندو ۽ سيئي اخراجات برداشت ڪيائين ، آئون سندن لاءِ دعاگو آهيان.

وڏا وڙ امتياز ميمڻ جا جنهن حسب دستور مطابق منهنجي ٻين ڪتابن جيان هن ڪتاب کي بہ پنهنجي پريس مان ڇپرايو . هن ڪتاب ۾ ڪافي منهنجي شاعري 80-90 واري ڏهاڪي جي آهي، جيڪا سائين معمور يوسفاڻي جي اصلاح ۽ نگراني تحت " منهنجا سهڻا سڄڻ" ، " پلي چريو چون ماڻهو" ۽ ڪيترن ئي ميگزين ۾ شائع ٿيڻ سان گڏوگڏ ڪيترن ئي فنڪارن جي آواز ۾ ڳايل پيي آهن ۽ ڪجهہ تازي شاعري جيڪا سائين پير بهائو الدين سرهندي متياري جن کي ڏيکارڻ ۽ مشوره وٺڻ بعد هن ڪتاب ۾ آندي ويئي آهي جيئن ڪنهن غلطي جي گنجائش نہ رهي ڇاڪاڻ تہ وزن بحر کان خالي شعر ، ڄڻ ڪپڙن کان خالي جسم آهن . مون هميشہ استاد ٿيڻ بدران طالب ٿيڻ بهتر سمجهيو آهي. الله سائين کي عاجزي وڏيڪ پسند آهي. الله سائين اوهان سڀني جو حافظ ۽ نگهبان

**سيد غلام حيدر شاھ "حيدر" قلندري**

**بستان - ڪنري**





## "حمد باري تعاليٰ"

حَمد ڪريان تنهن هَادِي جِي ، جنهن خَلق سڀ خَلِقي ،

ڪِيئن بنايو بَاهه منجهان ، ڏيئي جوَت جَلڪِي ،

نُوري خَلقيائين نَار مَنجهان ، سي فائق ٿيا فلڪِي،


ڏِيئي مَان مِٽيءَ ڪي ، جوڙيو بشر بي باقي "

خَلق الادَم عَليٰ صُورتہ ، اي اهجاڻ افلاڪِي ،

خَلقنا السّمٰوات والارض ومَا بينهما الا بالحق، حڪمت هلڪِي ،

" حيدر " مَخلُوق ملڪِي ، ڪيو سجدو سيّد چوي-





# نعت


اَجل کان اڳ مِٺا مُحمّد، اچي اندر جا آرا ڏس،
دُرُودَن ۽ سَلامن جا چپن تي نقارا ڏس.


ڪريو ڪي پال جا پيرا، ڪُهمايو ڪي پرين پيرا،
لهن مَن جا سيئِي ميرا، بِرهہ بادل هِي ڪارا ڏس.

وڏئي چا ڪان وڏا ويلا، رُوئان رت جا ريلا،
ملڻ جا محبوب ڪر ميلا مُنهي دل تي هي مارا ڏس.

سجڻ تو لاءِ رِڙي پيئيون، صفا سهڻا سڙي پيئيون،
اکيون اُپ ۾ اڙي پيئيون، اِشارن تي اِشارا ڏس.

وچئين ويلي ڪري وارو ڪجو "حيدر" ڏي هالارو
ڪري لالڻ وري لاڙو ويهي پاسي پيارا ڏس.





# نعت

صَدقي وڃان سُهڻا قُربان مديني وارا ،
واهه جو سبق سمجهائيه قرآن مديني وارا .


هزارين لکين ڪروڙين اربين دُرود توتي ،
جهر جهنگ چڙئي پڙهائي، احسان مديني وارا .

بي مثال آهين نه ڪو ٿيو نه پيو ٿيندو ،
مخلوق سڄي ۾ اهڙو سُبحان مديني وارا .

سوين سُور صَدمن، طعنن تَن تپَايو ،
هڪ نظر ڪيا ختم سڀ ارمان مديني وارا .

هزارين حُسن وارا، پر "حيدر" هِينئون تو ۾ .
اڪيُون اگهڙ اوطارا اِيمان مديني وارا .



# نعت


جِيئڻ مُشڪل ٿيو آهي هاڻ مِلڻ جِي ها! ته ڪر،
ناچُو تنهنجو ڪئين نَچي پيو تُون ڏِسڻ جِي ها! ته ڪر.

ڪُوڙيون سچيُون گهڙيُون آيون فتــوائُون واعظن سنديُون،
پر هڪ دفعو هن چرئي ڪي پنهنجو چَوڻ جِي ها! ته ڪر.

ناهي پرواهه اسانکي ڪنهن جي رُسڻ ۽ پَرچڻ جي،
پلي ڪِلي دُنيا پئي، پرتون ٻِي ڪِلڻ جِي ها! ته ڪر.

اسان اڄ آهه سجائي، ڪري چراغان دل "حيدر"
پر مُنهنجا محبُوب تون ٻِي اَچڻ جِي ها! ته ڪر.






# نعت


سَيّد سَچي تي هَردم ، سڀ جو سَلام آهي ،
صَلوات پڙهندڙن تي دوزخ حَرام آهي .

دِل دوست ساڻ دائم ، قُربت ۾ آهه قَائم ،
قابُو ڪڙيل ڪمند ۾ ، تائين قيام آهي .

هِينئڙي ۾ هوت همدم ، هر وقت آهه هر دم ،
مُنهنجي لبَن تي دم دم ، تُنهن جو ئِي نَام آهي .

“حيدر” نہ رهہ غمن ۾ ، رک تون مدينُو مَن ۾ ،
تُنهنجو ڪُٽنب سمورو، سروّر جي سَام آهي .





# نعت

تُون سُهڻو سَڄڻ سَردارن ۾

تُنهنجي سُونهن سڄي سِپپارين ۾-

جَهرجهنگ سيئي گهرگهاٽ ڳليون ، مان تولئه ڳوليو پئي ڳوليون ،

راهه ۾ رَسجان رانجهن سائين ، مان آهيان قابُو خَارن ۾ -

نه ڪو تخت ڪپي ، نه ڪو تاج ڪپي ، نه ڪو بخت ڪپي ٿو پاڳ پلو

بس يثرب جو سرڪار ڪپي ، هٿ دانهُن ۽ پُڪارن ۾ -

جنهن جي رخ کان روشن ٿيئڙا، تيڙو ڪتيون ۽ تارا،


سِج لِڪايو نالو پنهنجو ، ان جي ئي آڏارن ۾ -

آهي زبان تي ورد هي جاري صلوعليٰ جو ائين سدائين،


شام صبح ائين ساريان پيو مان ننڊ ۾ توڙي اٿارن ۾-

آهي ڀروسو ايڏو دل کي ، شافع محشر جوئي "حيدر"

ٿيندو وسيلو وارث پنهنجو ، حامي سو هزارن ۾ -



# نعت




نَچي ساري دُنيا تِي تُنهنجي صحن ۾ .
سجڻ مُنهنجِي قِسمت آ تُنهنجي هٿن ۾ .

چون ٿا صبر جو مِٺو ڦَل ملندو ،
وڏي پيو هِجر جو هي فِڪر قَتَن ۾ ..

جي تين دير ديرون ته ڪهڙيُون يار عِيدون ،
نٿو رُوح رِيجهي ڪو مُنهنجي بدن ۾ .

عِشق هي مخلوق ڪهڙي آهي "حيدر" ،
رهي ڪين آبادين ۾ ۽ چمن ۾ .





# نعت


نہ پھچڻ جي پُڄت آھہ ، پھچايو يا رسُول الله ،
اچڻ جي آس آ ڏاڍي ، گھرايو يا رسُول الله .

پلي کو پَونک پيو پونکي ، نہ سگھندو روح کي روکي ،
زمانو ڏِس پيو ٺوکي ، ٺِکايو يا رسُول الله .

گھنگھر جا ڏينھن ٿو گھاريان ، سموري عمر پيو ساريان ،
کريو ڪُوڪُون ٿو ڪُوڪاريان ، اگھايو يا رسُول الله .

ڏنئِي مونکي عِلم اھڙو ، رکو تن جو ڀَرم اھڙو ،
کنيو "حيدر" قلم اھڙو ، لِکايو يا رسُول الله





# نعت

چوي ڪو چوڻ ڏيوس ، هي چريو آهي چاھ جو .
ماڙهو آھ پلو پر ، ڪريو خوامخواه جو .


1. نچڻ ڏوھ ناهي ، تنهنجي عشق ۾ پر ،
هجن گِلم گادلا، ڪٽي مچ باھ جو .

2. اسان تہ اهو .ئي گهريو آھ خدا کان ،
ڪٿون چو قسم دنيا سان ويساھ جو .

3. دوستو هي آهن ، راز دلين جا ،
وڄن ساز رڳن ۾ ، آواز سماع جو .

4. اسانجي فڪر ۾ . نہ پوي فرق "حيدر" .
رکون ڪين اونون ، اسان پنهنجي ساھ جو .





# "منقبت"


منهنجو مرشد علي آهه ۽ رهنما علي آهه ،
عاشقن جي عشق جي سا انتها علي آهه ..

معرفت طريقت شريعت جتي سونهن ،
ان شهر ناياب جو گل بقا علي آهه ،


جتي باب علم جا ٿين پسمر بلڪل ،
انهيءَ رمز اسرار جي ابتدا علي آهه .

اسان ڪجھ نه ڄاڻون اسان اهوئي سمجھون ،
اسان جي واٽ رمز ۽ جابجا علي آهه .

حيدر ڪي حيدر جي نالي جي نسبت سان ،
استاد پاڻ ٻڌجي آيو سڪ سدا علي آهه .



"ڪافي"




## قلندري ڌمال

واهه واهه وٽي ويو سينگار يار تنهنجو ،
سينگار يار تنهنجو ، ديدار يار تنهنجو -


1. ٿيم ٿات تنهنجي ، تصوير رکيم تن ۾ ،
ٿيم محبوب سان مٺي ملاقات من ۾ ،
جيئري ڏٺم جلوو جلويدار يار تنهنجو -

2. ڪئي مهر محبوب ، ٿي ملاقات منهنجي ،
رَس رهاٽيون روح سان ، ٿي ساري رات منهنجي ،
هيڏا پال پرين پيار يار تنهنجو -

3. هجر منجهه "حيدر" گهاريا گهڻا ڏينهڙا ،
سوا تنهنجي سهڻا ، وسايان ڪئي مينهڙا ،
هر هر آهيان نوڪر نروار يار تنهنجو -



## "منقبت"



# قلندري ڌمال

## ڪافي

ڪيو تنهنجو رُتبو بُلند رب تعاليٰ

ڪڍي ڇڏ اسانجا ، قلندر ڪشالا

ٻڌائڻ اچون ٿا ، ڪٿي سُور جڳ جا

ڪيا جهان دوکا ، وُرن يار وڳ جا ،

صبح شام تُنهنجي ئي ، در تي سوالا -

ڏکي هن زماني ڪيو ڏار آهي ،

پنهنجن پراون ، ڇنو پيار آهي ،

وڃن در تنهنجي تي ، ڌمالون ڌمالا -


زماني جي ريتن ۽ رواجن منجهايو ،

مگر پاڻ پنهنجو "حيدر" ملهايو ،

اچون در تنهنجي تي ، ڪجي شرم ڇا لا ؟ .



# قلندري ڌمال



سخي عثمان مروندي ، قلندر لال سيوهاڻي ،
دمادم مست بُڏج دانهون ، لکي لڄپال سيوهاڻي .

1- پروڙي پاڻ تو جهٽ پٽ ، ڪري پل پل پُڪارون جو ،
اچي سيوهڻ سڏي جيڪو ، لهي تنهن جون سنڀارون جو ،
ڪري ترتئون تنوارون جو لهي تِن حال سيوهاڻي .

2- چپن سان تو چوان چونديِن ، منو مرشد سجڻ نالو ،
آهي اهڙو منڙو ، ڪنان ماڪي مکڻ نالو ،
ثواب آهي وٺڻ نالو ، سندو ننگ پال سيوهاڻي -

3- وَجن ٿيون ڪي ڌمالون ، جت ، نچن ٿا نر جتي "حيدر"
اچن خالي هٿين جيڪي ، وَجن جهوليون ڀري هيڪر ،
چون هر هر پيا اڪثر ، رکين رکپال سيوهاڻي .

# ڪافيون

مهانگي آ ڏاڍي محبت جي منزل،
ڪٿي ڏک آهن ڪٿي سک شامل.

ڪڏهن آ خزان ۽ ڪڏهن آ بهار،
ڪڏهن روح ريڏل، ڪڏهن دل تي بار،
ڪڏهن حسن هنجو هينئين تي آ حائل.

بدن تي ڪڏهن برهه جي بادشاهي،
ڪڏهن شان پنهنجو ڪڏهن هنجي شاهي،
ڪڏهن آهي حيرت سندو حال حاصل.

وساريو جنين سي، نٿا مور وسرن،
هتي هاءِ "حيدر" ڏکيا ڏينهن گذرن،
طلب تانگهه دلبر جي دل ۾ آ داخل.

# ڪافيون

هر ويل مونکي تنهنجي ياد صنم،
تنهنجي ياد ڪيو آ شاد صنم.

تنهنجي ياد ۾ ڳوڙها ڳاڙيان ٿو
توکي ساريو لڙڪ مان لاڙيان ٿو
تنهنجي برهه ڪيو برباد صنم.

هي عاشق تنهنجو تولاءِ مري،
توکي ساريو ڳٽتين منجهه ٿو ڳري،
ڪر دلبر تَنهن جو داد صنم.

من مونڏي پيارا پير پرين،
من ڪامل مونتي ڪرم ڪرين،
من منهنجو ٻڌين فرياد صنم.

آ "حيدر" کي تنهنجي حُب گهٽي،
تنهنکي پنهنجو ڪر تون پيارا ڪٽي،
ڪر تَنهن جو اڱڻ آباد صنم.

# ڪافيون

جڏھن مونکي لڳي تنھنجي قرب ڪٽي ،
منھنجا ھوش، عقل ويا سيئي ڇٽي .

تنھنجي محبت جي اھڙي ماڪ پيئي ،
دل، جان، سڄڻ تي خاڪ ويئي ،
اٿيا ھول اندر نوان سور پٽي .

تنھنجي قدم تي آ سرڙو صنم ،
دم دم تي آ توسان وفا جو قسم ،
توکي دلڙي ڏنم نظرانو ڪٽي.

چوي "حيدر" شال تون ويجھو وسين ،
ھڪ پل نہ پري تون پيارا ھجين ،
پيو مون ڏي ڪٽين تون اک جي اٽي .

# ڪافيون

سڏيو مند ساونڻ وري آ پيارا.
جهليا ٻور آهن، جوئر ڄڃيءُ جيارا.

وڄايو وڄن چنگ ، پکواز باجو
منڊيو سر منڊل سان سرندو ڪماچو
تنبورن تنواريو وڄن ڏَف دلارا.

سڄڻ دَم حياتيءَ جا ٿي، چار آهن.
جياپي جا سڀ ڪنهن کي لاچار آهن.
ڪري موت ميدان تي بينو مارا.

پلڪ پهر آهين، ڪر ڪا پلائي،
هليو ويندين "حيدر" ڪري تون جدائي،
هليا ويا هتان ڪئين سڪندر دارا.

## ڪافيون

ڏاڍو سھڻو آھي منھنجو صنم
مان ڪيئن سگھان سھي تنھن جو ستم

جنھنجا طور تجلا ڪين سنا،
تنھنجا نقش ٿيا منھنجي دل تي ڪنا،
جنھن جي ھجر ڪان مليا رنج و الم.

جيڪو چنڊ جو چھرو چيريو چڙي،
تنھن تي رشڪ زمانو چو نہ ڪري،
جنھن جو قائم سھڻ تي آ قدم.

ڪٽي ڪاربون اڪيون جنھن قھر ڪيا،
تنھن خون سوين چارئي پھر ڪيا،
ڪيا ڪيئي تنھن جي بره پسم.

منھنجي من م ڪورا روز دکن،
مونکي "حيدر" ھر ھر دورا پون،
اھڙو حال سندم آ تنھنجو قسم.

## ڪافيون

ڪسي دل ڪٺي وئين اشارن سان اڳ تون،
نڳي چڙ پيارا، نڳيل دل نہ ٺڳ تون.

ڇڏي ديس پنهنجو ڏني سون تي قسمت،
لٽائي ڇڏي سون سيئي ڏن ۽ دولت،
محبت ملي ڪا نہ، تي وئين الڳ تون.

سڏيو پنهنجي سامهون ٿو سهڻا وهارين،
وري پنهنجي در تان ڌڪيو ير ڌڪارين،
ورهہ جي وڪوڙين جا وارين ٿو وڳ تون.

هتي هاءِ "حيدر" سڄڻ توکي ساريان،
ڪري ياد هر دم ٿو راهون نهاريان،
وڃائي نہ ويهجان، سچائيءَ جو سڳ تون.

## ڪافيون

تنهنجي حسن وچايا هوش سڄڻ،
وئين ماري ڪيئن مئي نوش سڄڻ.

ڪري ڳولا اڪيون اُڏامن تيون،
تي آهون هاڻي اُپامن تيون،
تيو جاري جيون جوش سڄڻ.

ڪيئن گهٽيون رستا ڳولي ڏنم،
تنهنجي درد ڪي دولت سمجهي ستم،
سپ وقت رهيس خاموش سڄڻ.

هت "حيدر" هيڪلو گهمندو وتي،
پتا پار اوهانجا پڇندو وتي،
ڇوي گلن طرف ڏي گوش سڄڻ.

# ڪافيون

سڪان تنهنجي لاءِ تو ۽ ساريان گهڻو
ائين راهون تنهنجون نهاريان گهڻو.

مان تنهنجو ئي آهيان، تون مارين متان،
پراون ڪي پر ۾ ويهارين متان،
پيو ڳوڙها ڳاڙيو پوڪاريان گهڻو.

پنهنجو پاڻ پر ۾ پڇائون ڪريان تو
سدائين مان تو لاءِ دعائون ڪريان تو
تنهنجو نان دل ۾ پڇاريان گهڻو.

برا حال ڪيئڙا وڇوڙي سڄڻ،
ڪڏهن ايندين "حيدر" جي اجڙيل اڱڻ،
هنجهون هاءِ تو لئي مان هاريان گهڻو.

# ڪافيون

هٽي دل کي ويو جڏهين دوست ڏاڍو
روئان روز روح سان ڪري روج راڙو.

ڪسي ويئڙا دلڙي ڪري بي قياسيون،
وجهي ويا پلي ۾ رڳو هي اداسيون،
ٻڌي پيو اوٻاسيون، سڄو اوڙو پاڙو.
چمڪدار چهرو مثل چنڊ هنجو

ويو دل کي موهي منڊي منڊ هنجو
مليو ڏنڊ هنجو ڏکن جو ڏهاڙو.

اي ڊولڻ اوهانجا آهن ڍنگ اهڙا،
هٽي ويا هيئين ۾ عجب انگ اهڙا،
وره ونگ اهڙا، ٿا ڪن سور ساڙو.
تون "حيدر" ڏي هاٽي سگهو ئي هلي آ،

سواءِ تنهنجي هر گز نه ٻئي ڪا ڳلي آ،
پيلارا پلي آ، کيو لنئون آ لاڙو.

# ڪافيون

سٽي سڏ منهنجا پرينءَ اڄ وري،
سواءِ تنهنجي سهڻا نہ منهنجي سري.

پيلا هاڻ منهنجي هلي ڪيئن حياتي،
هٿن سان هٽي وئين تون قربن جي ڪاتي،
پٽي ڪين ديدار جي تو دري.

ڪري مولي مونڏي سنڌئي يار قسمت،
ٿئي سچ ثابت، پرينءَ پنهنجي محبت،
وڃن سور سارا ٽڪر تي ٽري.

پڇاڙيءَ جي "حيدر" اٿئي يار پارت،
ڪيو ڪين ڪجهہ مون اڃي پيئي قيامت،
ڏکي آ عدالت، ٿيون شل بري.

# ڪافيون

جدائي ڪري هن، ڪيو ڏار يارو،
نيائي مون ياري، ڪري پيار يارو.

اندر مان سندا عشق گولا ٿا نڪرن
اهي حال ڪئيڙا جدائي جي جهولن
پلائي ڇڏيو مون آ سنسار يارو.

ويا سيئي وسري مون سينگار، سُرمان،
اُٿن روز تنهنجا، اندر مان ٿا اُڏمـــان،
ڇُٽي سپ ڇڏائي ويا ڪَمَ ڪار يارو.

هٽي آهه "حيدر" ڪي نيٽن نمايو،
تکن تيز تيرن آ تن ڪي تنگهايو،
لنگهي ويا اندر مِان آرو پار يارو.

# ڪافيون

پرينءَ تنهنجون هر دم پياريون تہ اکڙيون .
نئين ناز واريون نياريون تہ اکڙيون .

ڪهن ڪاتين ڪانسواءِ بي قياسيون .
ڪجل پائي بيهن ٽيڙون ڪاريون تہ اکڙيون .

هڻن برھ ڀالا ۽ نيزا نرالا .
رکن ترڪشن جون تياريون تہ اکڙيون .

ڪري ويئيون قابو ڪشي ڪان ڦهري .
ڪٽي قلب ويئيون ڪٽاريون تہ اکڙيون .

ڏسڻ ساڻ "حيدر" ويا هوش گم ٿي .
سدا رهن سهڻيون سونهاريون تہ اکڙيون .

# ڪافيون

تنهنجي صورت لئي سڪيس مان سال سارا تون مَ رُس،
تنهنجي نيشن جا سچڙ نيزا نيارا تون مَ رُس.

مامرو مشڪل محبت، جو مٺا مشفق ٿيو
پيار سان پورو پڙهيم، پارس پيارا تون مَ رُس.

تنهنجي رمزن تنهنجي رازن جي رياضي جو سبق،
وياج ڪان واڌو ورهه جو ورهه وارا تون مَ رُس.

آهه ڪارائي مٺائي، تنهنجي وس ڪو ترس ڪر،
خوشنما خوشحال، خوش دل ٿي خدارا تون مَ رُس.

وئي هٿن مان هاج "حيدر" هاٿي آهه تو سوا،
مچ مجازيءَ جا مدامي، مون تي مارا تون مَ رُس.

# ڪافيون

آسري تنهنجي سجڻ اکيون وييون اُپ ۾ اڙي ،
روز، شب راهون ڏِسن رڻ، روه ۾ روئي رڙي .

پير پيادي پير تنهنجي لاءِ نڪتس پنڌ پرين ،
جان جوکي ۾ پيئي، جنهن دم لڳي آ جيءَ جڙي .

تُنهنجي صورت سُونهن ڏسندي بره جا بادل ونا ،
سُنهن اٿئي سُونهن جو گهايل سان گهاري وچ گهڙي .

درد جي اهڙي لڳي ڪا ضرب آهه دل مٿي ،
وئي وڪوڙي ۽ ونگي، بس قرب جي قابو ڪڙي .

حال "حيدر" تنگ آهي هاڻ پورل رک پرم ،
صاف سورن ۾ سويري ويئي سهٽا دل سڙي .

# ڪافيون

اندر اولا اٿيا شعلا، حبيبن جيئن ڪيا هيلا،
رهن هردم اکيون آليون روئن تان رت جا ريلا.

گنگهر گهاريان، سجڻ ساريان پوڪاريان پنهنجي پرينءَ ڪي،
جسو جند، جان، جانب ڪان سواءِ پڙڪي ٿيا پيلا.

پلي پيو مار تون سهٽا، سموري عمر مونکي پر،
کهين ويلي منا موٽي، ملڻ جا تون ڪجان ميلا.

حبيبا تو سواءِ "حيدر" جي محفل وئي ڦٽي ساري،
اچي ڪو رنگ ڏي تنهنکي وڏئي چا ڪان وڏا ويلا.

# ڪافيون

هنيا مونکي ڪشي تو ڪان قهرن جا جڙيا جاني،
پيالا پُر پياريئي، مونکي زهرن جا جڙيا جاني.

درياءَ جي سير ۾ دلڙي ڏني آ منهنجي چڙ دلبر،
ڏسان بيراهه ۾ پڙڪا تو بحرن جا جڙيا جاني.

نتو ڏسجي ڪنارو، منهنجي قسمت ۾ ڪٿان ڪو ئي،
رهيا آهن پساهه باقي، ڪي پهرن جا جڙيا جاني.

ڏنو خالي هٿين توکي، نہ ”حيدر“ مون ڪڏهن ڪٿهين،
رکين ٿو پاڻ تون انبار سحرن جا جڙيا جاني.

# ڪافيون

دلبر نہ ائين ڏڪار تون مونکي ذري،

ڪيئن مان رهي سگهان ٿو ايڏو پري پري .

مون موت آ قبوليو ڪجھ قياس تون بہ ڪر ڪو،

تو ڪانسواءِ سدا پيو عاشق مري مري .

قيامت قريب آئي، "حيدر" جو ناھ حيلو،

دل توکي دلربا تي، سڏڙا ڪري ڪري .

........................................................................................

## ڪافيون

ٻڌائج سچ اي سهڻا، ڪڏهن دلدار ايندين تون،
مٺا محبوب من مهڻا، ڪڏهن دلدار ايندين تون.

جدائي جيءَ جنجهوڙيو، مٺا تو ئي آ منهن موڙيو،
ڏکن خيمون اندر ڪوڙيو، ڪڏهن دلدار ايندين تون.

فراق جا ڦريا ڦيرا، جلي ويئڙا جگر ۾ جيرا،
دکن دل تي ڪيا ديرا، ڪڏهن دلدار ايندين تون.

صبح ۾ شام سر سوريءَ دکايو دل کي آ دوري،
ٻڌاءِ ڳالھ هي پوري، ڪڏهن دلدار ايندين تون.

رهي "حيدر" ٿو پورن ۾، سچڻ تنهنجي ئي تہ سورن ۾،
ويو ڪامي آ ڪورن ۾، ڪڏهن دلدار ايندين تون.

........................................

# ڪافيون

خبر ڏي ڪانگڙا قاصد، پڇڻ وارا نه آيا چو
ٻڌايان حال دل ڪنهن کي ٻڌڻ وارا نه آيا چو.

اڙايم اپ طرف اکيون، انهن جي آسري هئي هئي،
دلاسو منهنجي دلڙي کي، ڏيڻ وارا نه آيا چو.

هميشه گڏ گذاريوسين، گڏي گوڏو جنين سان ٿي،
مگر مون سان اهي جانب، وهڻ وارا نه آيا چو.

ٿو سمجهايان گهڻو آئون، نٿي سمجهي مگر دلڙي،
پڪاري پئي چوي هر هر، ملڻ وارا نه آيا چو.

هزارين هجر ۾ هاچا ٿيا "حيدر" سان هئي هئي،
ڏسون ڏوري ڏکويل کي، ڏسڻ وارا نه آيا چو.

# ڪافيون

ڪو نہ ڪپي ڏن مال
سهڻا تون ساڻ هجئين

ماس ڪلهن تان ڪوريو ڪوريان
ختم ڪريان سڀ خيال

گهرج تہ تنهنجي آھ گهڻيري
ڏني ٿي ويا سال

ماريو آ مونکي تنهنجن ماڻن
تڪڙي هلين ٿو چال

"حيدر" ڏس هاڻي وري تون
هيڻو ٿيو آهي حال

# ڪافيون

ڪري ويئڙين جاني تون ڇا لاءِ جدايون ،
وفا جي عيوض تو ڪيون بي وفايون .

سڄڻ درد تنهنجا، گهڻا جا نه آهن ،
گهڙي ڪا نه گوندر جي ويهي گهٽايون .

ڪلهه ساڻ دلڙي ڪتي وئين تون اڳ ۾
پلا هاڻ ڪهڙو وري نينهن لايون

مليو پيار پينگهي ۾ تنهنجو پرينءَ آ
نئون هاڻ ڪهڙو وري ناتو پايون .

رهيا حال "حيدر" جا هيٺا هميشه ،
ڏيو دم دلاسو پلا پاڳ پايون .

# ڪافيون

چاهت ۾ چاڙهي دلڙي ڪيئڙي چري چري،
ڳڻتين ۾ ڳوڙها ڳاري، ويئي آ ڳري ڳري.

ڏيئي ورهه ۾ ولوڙو، وِيئڙين وجود وِيڙهي،
توکان سواءِ نہ منهنجي سانول سري، سري.

نِسري آ ڪڪ سُهڻي، ڄَانيو ۽ سرنهن ڦِهڪيا.
ڪِيتن اندر ڪِلون پيا، دِلڙي ٺري ٺري.

هن دور ۾ نہ ڪڏهين، منهن تي ڪا مُرڪ آئي،
ٿي بند ويئي اهڙي، دل جي دري، دري.

"حيدر" هَنجهون ٿو هاريان، هُنجي ئي هجر ۾،
جڏهين اچن ٿيون يادون، واپس وري، وري.

واقع ڪربلا

## منقبت

هلي ڪربلا ۾ ۔ سيّد سِر ڏنو آھ ،

قسم آهي خدا جو نبين پيي رُنو آھ

1۔ هلي ڪربلا ۾ امام آيو لکي خط جنهن کي ڪوفين آ گُهرا

ڪيڏو دوکو جنهن کي دشمن ڏنو آھ

اصغر ڪُٺائون، اڪبر ڪُٺائون، قاسم ڪُٺائون نہ لڌيون جنهن لاٿور

هڪ هڪ تي پچڙو جنهن ڪان چنو آھ ۔

2۔ صُغرا مديني ۾ پل پل پُڪاري، ڪري ياد اڪبر، هنجون روز هاري،

اصغر جنهين لاءِ جنهن چولو چنو آھ ۔

4۔ "حيدر" هي هميشہ گولو جنهن در جو، جيڪو ڏهتو آهي سخي سرور جو ،

پني پيچ بادل جنهن لاءِ پنو آھ ۔

..........................................................................

# ڪافيون

ڏس قرب تنهنجي جو ڪمال پرين،
جنهن ڪان هيٺو ٿيو منهنجو حال پرين.

تنهنجي نظرن جا تڪا تير لڳا،
منهنجا هوش، عقل ٻئي ٿيئڙا خطا.
مونکي وسري ويا سيئي ويس وڳا،
اهو آهي سندم احوال پرين.

سپ ڪاڏا پيتا زهر ٿيا،
جڏهن مون سان ڪارين اکين قهر ڪيا.
مون تي زلفن جا اڇي سحر پيا،
لڳي جيءُ کي ويو جنجال پرين.

اڄ "حيدر" سان . ڏاڍا حشر ٿيا،
جڏهن اکڙين جا اڇي اثر ٿيا.
مڇي سر تي منهنجي محشر ويا،
ٿيو منهنجو جيئڻ آ محال پرين.

# ڪافيون

پنهنجي در تان ، تون نہ دلبر ، جي ڌڪارين تہ بہ چڱو
منهن ڪٽي منٽرا مٿــي ، مــون ڏي نهارين تہ بہ چڱو ،

1۔ اُڄ لڳي آهي اسانکي ، ڏي ڪا سُرڪي سِڪ سندي،
پيــار جــو پاڻي پيارا ، پاڻ پيارين تہ بہ چڱو ۔

هر طرف مون تي نهاريو وائي ورڻ جي ڪر منا ،
وڙ ڪري واپس وري ، واڳ وارين تہ بہ چڱــو ۔

تي غلام "حيدر" تو درجو پل پل ڪري تو هي پُڪار،
سڏ سڻي سيـــد منهنجا، جانب جيارين تہ بہ چڱو ۔

# ڪافيون

ڏئي پيار پنهنجو سوداگر بنائيءِ،
تخت تاج تجمل، سيئي تو ڇڏائيءِ،

1. ڪُر سنڌ سهڻا، سورن ساڻ ساڙيئيه.
ڪر قياس ڪجهه تون قرب ساڻ کهاڙيئيه،
مسڪين مارئيئيه، گهورن ساڻ گهائيئيه.

2. محبت تنهنجي ماريو ڪري موج ماڻا،
واسينگ وار ويڙهيل ساهه ۾ سيباڻا،
جادوگر جلاڻا، وِجودان وڃائيئيه.

3. وِجهي ڪجل ڪاني، پسائي پيشاني،
سارو جڳ تنهنجو مٽ ناهي ثاني،
جُڙيل يار جاني، طلبئون تون سڏائيئيه.

"حيدر" ڪي حيدر بنا وائي ناهي وات،
وساريان نه وسري، سيدّ تنهنجي تات،
رهي وچ هڪ رات، جهوري تنهنجي جدائيئيه.

# ڪافيون

منهنجا سهڻا سڄڻ، مون کي تنهنجو قسم،
منهنجي دلڙي ويئي آ دلبر توسان اڙي.

1- تنهنجي پيار ۾ مون ڏاڍا ڏکڙا ڏٺا،
اٿئي نام خدا جي ڪر مون سان وعدي وفا،
سارو ڏينهن مون ڪان ٿيئين ٿو ڇو خفا،
منهنجو روح پڪاري ٿو توکي روئي رڙي.

2- هڪ دلبر دور ٻيو ٿيو پند پري،
هت بيوس ويچارو پلا ڇا ڪري،
هڪڙي پلڪ متان نڪي ساعت سري،
تنهنجي قرب جي پئي ڪا قابو ڪڙي،

3- تنهنجي نظرن جا جڏهن تڪا تير لڳا،
مونکي وسري ويا سڀ ويس وڳا،
منهنجا هوش عقل ٿيا سارا خفا،
لڳي ڪا جانب تنهنجي جيءَ جي جڙي،

4- آهي بيتاب تولئي هي سيد سدا،
نہ ڪر ”غلام حيدر شاهہ“ کي تون جاني جدا،
منهنجو ساهہ سڪي توکي ساري سدا،
وڄ گڏجي مون سان ڪا گهاري گهڙي.

# ڪافيون

رويـــو روز ڳـــوڙها اکين مان اگهان ٿو ،
ڏســان توکـــي جانـــي هتان ۽ هُتان ٿو .

1-پـيــا درد دل جا وري اڄ ٻـ جاڳـــي
ڪيم يـــاد توکي منهنجا يار ساڳي ،
هتان ننڊ ويئي رڳـــو اڄ لُـڇـان ٿو -

2. هجين هر قدم تي سڄڻ تون جي شامل ،
رهـيـــن دم ٻـ دم دل ۾ محبوب داخل،
سري ڪان ساعت ۽ من ۾ منجهان ٿو -

3- ڪـــيدي ٻـــاڪ ٻـولـــي ٻول "حيدر"
ڪڏهن سچ ٻـ ثابت ٿيندا قول حيدر
پڇڻ پيي تـ بند آ. مگر پوءِ ڪڇان ٿو -

# ڪافيون

ويـــا درد دل تـــي مٺا اڄ وري ،
ڪنيون گڏ وتان جيئن ڪڇي ٿي پـري .

1. آيس در تنهنجي تي نهاري تہ ڇـــڏ ،
توري ديـــر خاطر ويهاري تہ ڇـــڏ ،
گهڙي پيـــارا تـــون گهاري تہ ڇڏ ،
ڏي تون ذوقـــون ظاهر مٺا ڪا ذري .

2. ڪيا تنهنجي نـــظرن نشَانا نصيب ،
ٿيا هاڻ مـــون ڪي ويرانا نصيب ،
مگر توڪي تنهنجا ديـــوانا نصيب ،
اڄي تي تون داخل منجهان دل دري .

3. ڪيا سڏ ٿي ”حيدر“ تہ ٻستان سئا ،
سڄي رات شـــاهـــد ستارا هئا ،
جدا تنهنجا عـــاشـــق مٺا ڙي مئا ،
وڃين ڪيئن تن جي سوا توَ سري .

# ڪافيون

سڻي سڏ منهنجا پرين اڄ وري
سوا تنهنجي سهڻا نه منهنجي سري

يلا هاڻ منهنجي هلي ڪيئن حياتي
هٿن سان هٽي ويئين تون قربن جي ڪاتي

پٽي ڪين ديدار جي تو دري
ڪري موليٰ مون ڏي سنڌئي يار قسمت

ٿئي سچ ثابت پرين پنهنجي محبت
وڄن سور سارا ٽڪر ٿي ٽري

پڇاڙي جي "حيدر" اٿئي يار پارت
ڪيو ڪين ڪجهه مون اچي پيئي قيامت
ڏکي آ عدالت، تيون شل بري

# ڪافيون

جي اچڻو اٿئي ، اچين ٿو ته اچ ڙي
متان مـــوت ماري وڃان سچ پچ ڙي

سڄي رات گـــذري ورائيندي پاسا
رڳو خيال خـــالي تنهنجا خواب خاصا

مٿي ۾ به قيـــري ، پري جيئڻ مچ ڙي
ڪنيم ســـور تنهنجا سيئي سميٽي

زماني جون خوشيون زمين ۾ مون ريٽي
جدائي ۾ ڳاڙيـــم مٺا ڳـــوڙها ڳچ ڙي-

سڄي منهنجي عـــمر ملي شال توکي
زمانـــي جو ڪوســـو وري واءُ نـــه تـــو ڏي
سچائي سان "حيدر" گهري دعا هي سچ ڙي

"عمر ماروي"

# ڪافيون

وسي ملڪ منهنجي تي مينهن ڪئي ملهاري ،
ڪري ياد جيڏيون ، رُنم رات ساري .
1۔ ڪئيون مينهن موجون وٺا پٻ پراڻا ،
ٿي ساوڪ ساڻيهه ۾ سُڪيا ٿيا اباڻا ،
ٿرن ۽ ٻرن ۾ ٿي رونق روح واري .
2۔ قضا آڻي ڪوٽن ۾ ڪئي منهنجي قسمت ،
ازل کان منهنجي آهي ماروئن سان محبت ،
ڳهاريان ڪيئن گهڙي هت ، ڦيدن ڪئيس ڪاري .
3۔ اهي هنڌ وهاڻا انهيءَ مان چا جاڻان ،
ماڙيون ، محل ، بنگلا ، مونکي نه سيباڻا ،
وڻي روز روح کي ، وطن جي سا واري .
4۔ ڪيا کيل ڪوٽين ، ڪاهڙ تي ڪنوائي ،
وڃڙيون وطن تي ، واحد پيو وسائي ،
وٺا مِينهن موکون ، بوندن ڪئي بهاري .
5۔ چوي هاڻ "حيدر" رهان روز ڪيئن هت ،
گڏجان شال جيئري سهڻو سيد آهي جت ،
ڪريان روز روح سان ، قرب جي ڪچهاري .

"عمر ماروي"

# ڪافيون

نہ ڪر عمر سومرا، هيڏا ماروئي تي مارا،
ظلم تنهنجي ساڻ ظالم ، ڪرندئي ڪوٽ سارا ،

1۔ ماڙيون ، محل ، بنگلا ، ڏُبي ڏوڙ ٿيندئي ،
اِها حاڪم حڪومت هميشہ نہ هوندئي
سدائين نہ رهندئي ، ايڏا ورق وارا

2۔ ڪي آهن اڇڻ ۾ ، ڪي آهن وچڻ ۾
لکين لال لڏي ويا، وريا ڪين گهرن ۾
ڏسين پيو تون، قدرت جا نرمل نظارا

3۔ ماروئي آهي محبت ، ماروئن جي ماري
سڙي غم ۾ "حيدر" ويئي صورت ساري
ڏي ماروئي موڪل ڪم ڪر موچارا

# ڪافيون

اچن جي اسان وٽ اسان جا اچڻ ڏيو ،

وڄـن جي خوشي جا نغارا وڄڻ ڏيو -

رکيـن تــو زمانــا اسان تي نظر تون ،

ونين ٿو اسان جي ٻــ هر هر خبر تون ،

اکيون ڪن اکين سان اشارا ڪرڻ ڏيو -

وجهو روح وارن جي وچ ۾ نہ رنڊڪون ،

ڏبيون جيءَ وارن کي ناهن ڪي جهٽڪون ،

مـلـن جي ٻہ دلڙيون تہ انهن کي ملڻ ڏيو -

رهــي روح هڪڙو بدن ٻــ تــ ٿيــا ٿيو ،

مرن ٻئي جي " حيدر " ڪفن ٻــ تــ ٿيا ٿيو ،

ٻگنڊيل گڏ ٻــ دلڙيون رهن کي رهڻ ڏيو -

# ڪافيون

نعري نينهن ڪيا عطا مست منصب اسان تي ،
ناچو ڪري هن نچايا ، وِساري نصب اسان تي .

1. هڪڙي ديد خاطر ، عقل علم هوش سڀ ،
فنا ڪيا فڪر ، اهڙا سبب اسان تي .

2. نہ رهيو هوش سالم ، نہ خوف هجوم خطرو ،
سامهون سجڻ ڪرايا، ڪهڙا ڪسب اسان تي .

3. چون سڀ ماڻهو هو پلو ، ڪريو چو ؟ ،
ڏنا چير چهري ، چڙيا غصب اسان تي .

4. عشق ڪرائي اسان ڪان ، اهڙي رسم ادا "حيدر" ،
واعظن وري ڏنا ، ڪفر جا لقب اِسان تي .

# ڪافيون

پرين جي پار جون ڳالهيون ، ڳٽڙ ڪان پر ڳريون آهن ،
ڪجن جي ٽيون ظاهر ، چون ٽا سپ چريون آهن .

1۔ رڪيم سر ساهه سان سانديي ، وِهاري منجهه اندر پنهنجي ،
ڪٽيو گڏ پيو وَتان گهمندو ، پاڪرن منجهه پريون آهن .

2۔ سوالن ۽ جوابن ڪان ، خيالن ۽ خوابن ڪان ،
وَٽي ويون پرين جي پيرن جون ٽريون آهن .

3۔ اسانکي ناهي غرض ڪنهن سان ، نہ رکون لوڀ ڪا لالچ ،
اسان ماٺهو ملنگ "حيدر" ، اسانجون ڳالهيون ڪريون آهن .

# ڪافيون

دوست دوستي جا دستور نرالا ٽيندا آهن ،
هن عشق جا پنهنجا منشور نرالا ٽيندا آهن

1۔ سوين خطائون درگذر ، دُرست عمل سڀ دنيا جا
مگر قائدي قرب جا قصور نرالا ٽيندا آهن .

2۔ عاشق اکين اشاري ، سِرڙا رَڪن سجدي ،
مگر سامهان مُحب منڙا ، مغرور نرالا ٽيندا آهن .

3۔ ڪري ميڙ منٿون ، داخل اپيل درشن ،
ايلاز اڳيان اهڙا، منظور نرالا ٽيندا آهن .

4۔ دل تي هٿ رکي ، سچ پچ ٻڌايو "حيدر" ،
اوهان کي وسارڻ جا وهلور نرالا ٽيندا آهن .

"""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""

# ڪافيون

منڙا منهنجا موٽ

تنهنجي سوزن آ سوگهو . ڪيڙو.

چاهت تنهنجي چاڙهي هٽي ويئي،

چيري اندر چوٽ.

گهور چڏيا گهاٽي چاڙهي،

گهائي ڪئين گهوٽ.

"حيدر" هاٽي ناهي منهنجو

آڏر اهڙو اوٽ.

......................................

# ڪافيون

منهنجا جيءُ جيارا پيارا،
ويندين ڪيڏانهن ڇڏي او سهڻا.

هوش عقل هئي بيوس تي پيا،
پسندي نينهن نظارا پيارا.

اهڙيون آهون اُپريون آهن،
بيٺيون ڪن سي مارا، پيارا.

هاڻي "حيدر" جي هينئڙي ۾
ورهه ڪريو وسڪارا پيارا.

..........................................................

# ڪافيون

تو سان جيءُ لڳو آ جاني،
منهنجا جاني منهنجا جاني.

تنهنجي ياد پيارا دل کي،
ڪري ويئي مستاني.

سو چيم تنهنجي در تي دلبر،
ڏيان اچي درباني.

ناز وارا، ڪا نينهن جي مونکي،
ڏيئي وچ ڪا نشاني،

”حيدر“ جو تون آهين پيارو
تنهنجو ناهي ڪو ثاني.

..............................................

# شعر

ہم تو فنا ہیں، رکھ لی بقا سے نسبت ،
جیسے ابتدا کرتا ہے ، انتہا سے نسبت ۔

۱۔ ہم نہ ہی کچھ تھے ، نہ ہی کچھ ہیں ،
مکان میں رہتے ہوئے ، مانگتے ہیں لامکاں سے نسبت ۔

۲۔ صبر دیئے ہیں شیرِ خدا نے مجھے ،
ورنہ کیا مجال میری لافتا سے نسبت ۔

۳۔ ابھی تک نہ سمجھ سکا، اُسکی نوازشوں کو " حیدر " ،
کیا اوقات بنتی ہیں، ان آقا سے نسبت۔

# منقبت

ڪڏهن پير پٺائي رحه جي چوڪو چِلو ،
سواءِ جنهن جي سنڌ جو نه آ سِلسِلو .

ڏسي شعر تنهنجا جليا غير سڀ ،
ويو پڙهجي تن ۾ وڏو ترٿلو .

سوين سنڌ ڌرتيءَ تي سورهه ڏٺا سون ،
نه دريا خان هڪڙو نه هو هيڪلو .

ارادا رکون ٿا ڪي اونچا اسين ،
ڀلائي اسان تي ڀلايون ڀلو .

ڪيئي سون محبت مٺي ملڪ سان ،
ڪنداسون انهيءَ جو ڪو ڀيٽي بلو .

مماتي ۾ هاڻي حياتي مڃيون ٿا ،
هتي ڪين "حيدر" سندو ولولو .

# غـــزل

كريان مـــحـــب تنهنجيون كي مهمانيون ،
اچڻ جـــون كـــريـــو يـــار احسانـــيون .

مـــلـــڻ لا مـــحـبـوب مـنـهـنـجـا اچـــو ،
مـلـي مـحـب كـــريـــو مـهـربـانـيون .

لـتـا لال پـهـري تـون اچـــجـــان پرين ڙي ،
اكـــيـــن پـائـجـان، كـــي كـــجـل كـانيون .

پـــڳـــل دل جـا پـورا، ڳنـڍي پـنـهـنـجـي هـٿ سان ،
ڏيـــو تـنـهـــن كـــي، جانـــي نيون جانيون .

مـــتـــا تـنـهـنـجـي مـورت، سـڄو مـلـڪ مـوهيو ،
هـيـئين ۾ تـيـون، "حـــيـــدر" جي حيرانيون .

## نعت

ڏسي مدني جي روضي کي ڪري ديدار اچجان تون،
گُهمي گليون مديني جون ڏسي بازار اچجان تون.

پڙهي چاليهہ چاهت سان نمازون تون مديني ۾،
وڃي محبوب جي در تي پني پينار اچجان تون.

سدا دلدار جو درشن ڪجان خيالن خوابن ۾،
چمي چانئٺ تي چشمن کي رکي هر بار اچجان تون.

وڃ ڪو فيض فرض مان ڦتا ڪر فڪر ٻيا "حيدر"،
نوافل کي نيازن سان، پڙهي نروار اچجان تون.

""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""""

# غـــزل

منا تنهنجو ملڻ مون سان، محبت جي شناخت آ.
رکـي تـون رمـز آ اهڙي عـجب تنهنجـي روايـت آ.

پڇاڙي وقـت ۾ پرکـــڻ پيارا ڳالهه کا آهي ،
وري سامهون اچـڻ سـهـڻـا، اها پـڻ هڪ عنايـت آ.

رهان تـو سخت کومايل ۽ مرجهايل گلن وانگر ،
ڏسـي بـيوس زمانـي پـي، کـئي مون سان شرارت آ.

کرڻ اڄ کلهه وفا کنهن سان کندن جي سيج ماڻڻ آ.
ڇڏي محـلات ۽ ماڙيـون، سمهڻ سـج ۾ کمالت آ.

چوي "حيدر" مون ناخن تي جهليو آ نيهن جو پاڻي،
وهڻ مشکل ٿيو هي قــرب جي سهڻي کرامت آ.

>>>>>>>>>>>>>

# غــزل

تيا ملي مهينا سوين ، محبوب مون ڏي ڏِس ڪٽي ،
درد ڏيندا ڳم سيئي غمنار ڪرڻ اک جي اٽي .

ڪر نه گهٽ تون ڳرز پنهنجا گهور ڳوليون هڻ پلي ،
درد ويندا دور تي، ديدار ڏيندس جيئن ڏٽي .

واهه ڪيئي واهه جا ڪنا، جي واجهه مون لاءِ ونگ وڏا .
واهه ڦاڙي وياڦِقر، ڏئي ڦرڻ ڪڏي بيٺا ڦٽي .

در تي تنهنجي زاريون گهٽيون پيو محب منٿون مون سنديون،
ڪنهن گهڙي هي ڳالهه ڪائي من وجي توڪي وٽي .

دم حياتي جا ته "حيدر" گذ گذاريو يار ڪجهه .
هن زماني ۾ تي ظاهر، زندگي ضائيع گهٽي .

...............

# غـــزل

هـُجي شـــل پريــنءَ سان پڪِي گفتگو ،
ڪبي ڪين ڪنهن سان ڪچي گفتگو .

ٻڌان چار ڳالهيون ڪي چاهت پريون ،
جئين شل ڪرين تون ججهي گفتگو .

هجي عـشــق الــفــت سندو لوڻ شامل ،
ســوا جنهن جي رهندي ڦِـــڪي گفتگو .

مچائي تون محفل نہ اُت محـــب ائين ،
ڪجئين يار هاٽــي يڪي گـفـتـگــو .

ڪيو حسن گهايل آ "حيدر" جهين جي ،
ڪجي تنهن سان سهٽي سٺي گفتگـو .

# غزل

پُرجوش جواني آ بي رحم نظر آهي ،
شهباز ۽ شڪري کان وڌ هن جو اثر آهي .

محفل مان مٿي منّور مهتاب ٿين روشن ،
شرمايو شموليت کان اڄ شمس و قمر آهي .

مشڪل اي مٺا توتي ڪو زور هلي ظاهر،
هي خيال اڄايو آ، اهو وقت گذر آهي.

معراج محبت جو ٿو ائين ملي ڪنهن کي،
دل کي جو ٿيو درشن هر شام و صحر آهي.

قربت ۾ ٿئي فُرقت مدهوش ڪري محبت،
”حيدر“ سان حسينن جو هي کهڙو حشر آهي.

+++++++++++++++

# غـزل

اٿئي اي ڏاڍيون پيارا ڳريون منهنجون ڳالهيون
نہ ٻڌيون زمانــي ذريـون منهنجـون ڳالهيون

چوان سچ جنهن کي، تپي ٿئي ٿو ٽانڊو
جو آهـن اصـل کان کريـون منهنجـون ڳالهيون.

ڪڏهين جهول غم کان بہ خالي تہ ٿيندو
سکن ساڻ هونديون پـريـون منهنجون ڳالهيون.

وڏي ويئي ويسر پيارا پرينءَ آ،
وري هاڻ واپس وريـون منهنجـون ڳالهيـون.

ڪڏهين رنگ اکين جا ”حيدر“ سي ڏسندا،
چون اڄ ٿا جيڪي چريون منهنجون ڳالهيون.

# غزل

سونهن متي تو سير ڪري ،
پيار متي تو پير ڏري .

هر هڪ لفظ جو لاڙو هن سان ،
پيش زبر يا زير زري .

جيءُ ۾ جوڙي سهسين جايون ،
ترت هٽي هو تير تري .

حب رهي آ نالي ماتر ،
پاڻ ڪٽيو هو ڍير ڪري .

”حيدر“ حسن سهائي وانگي ،
هن جو تو چوڦير چري .

...............................

# غزل

جيءَ ۾ جوڙيم جنهن جون جايون جان آهي ڪٿي،
جنهن مدايون معاف ڪيون سو مهربان آهي ڪٿي.

تي اُيو اڏ رات جو مون تي ڪيا واڪا رڙيون،
جت پڏيون دانهون سندم تي، سو مڪان آهي ڪٿي.

غم پريا شعر منهنجا تي پڏي جيڪو رنون،
قرب وارو منهنجي ڪارڻ قدردانِ آهي ڪٿي.

تي پيا پنهنجا پرايا دوست دشمن تي ويا،
حال منهنجي تي رنو سو آسمان آهي ڪٿي.

چو حياتي ساڻ ”حيدر“ پيو رکين الفت اجان،
تو اڏائين محل ماڙيون، هي جهان آهي ڪٿي.

...............................................

# غزل

سڄو لوڪ لاري ٽيون لائين اکيون،
جڏهن ڪجل ڪارو ٽيون پائين اکيون.

ڏسڻ ساڻ ڪن ڪيئي قتلام ڪاريون،
وڏا واجهه وينيون وچائين اکيون.

سوين ناز نخرا نرالا نوان ڏس،
وجهيو گهنڊ گهمندي ٽيون گهائين اکيون.

سندن حسن جي هاڪ هرجاءِ آهي،
برهه رنگ ڪيئي بنائين اکيون.

سڄو جڳ جنين کي جهڪي بينو "حيدر"،
ڪري قيد قابو نمائين اکيون.

,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,

# غــزل

اندر آس، جلي ماس، ڪڏهين پاس تون ايندين،
برهہ باس سڙي ساس ڪڏهين واس تون ڏيندين.

وسن مينهن، ساوڻ جئين، هينئون هيئن رهي ڪيئن،
انهي انڌ جهليم سنڌ، ڪڏهين پنڌ تون نيندين.

ڪري ڪاڄ اٿم عاج، ڏکن ڏاج ڏنو آ،
وري يار هيئين هار، ڪڏهين پار تون ٽيندين

جيڏانهن پير، تيڏانهن خير، ويا غير جا پيرا،
اندر صاحب ۾ نينهن ناف، ڪڏهين ڪاف تون ايندين.

لڳو پيچ طرف ڪيچ، "حيدر" هيچ ڪري ڪيئن،
اٿم سوال ڪري پال ونڊي حال تون ويندين.

,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,,

# غزل

هو تہ هو اڄ آمهون سامهون مان مگر ڪنهن جو پڇاڻ،
دل جو گوشو هن جو گهر، ديـــوار، در ڪنهن جو پڇـــاڻ.

پهر چارئي تو اڇيو، درشن پسان دلدار جو
هن سان اکيون چارڻيون، چارئي پهر ڪنهن جو پڇـــاڻ.

تي ملي مونکي هميشہ راتـڙي راحت پري،
جان ۾ جانـي وسي تو، گـهـــر گـــذر ڪنهن جو پڇـــاڻ.

اُپ هميشہ ئي اُبن سان پرجيو اڇيو بارش ڪري،
منڌ مستيءَ ۾ مست ڪارو ڪکر ڪنهن جو پڇاڻ.

ڪان اندر ڪات "حيدر" ڪان ڪان ٿهري گهٽو
موت ڪان اڳ موت سامهون، قتل گهر ڪنهن جو پڇاڻ

# غـــزل

ملِيا مدت کان پوءِ آهيون، وري منهنجو مٺائين پيو ،
ملڻ جي مهل آئي ٺئي هٿان موقعو وڃائين پيو .

1. سندئي هن سونهن کي سجدا، ڪندي ڪئين سال ويا گذري ،
رهين پيو روح ۾ راول، اڃان چهـــرو لڪائيـــن پيو .

2. ڪئي تو ضبط منهنجي دل ته پوءِ درمان ٿي دل جو ،
ڏکايل دل دلاســـــــن تي رڳو لاري لڳائين پيو .

3. ازل کان دل ڏنم دلبر هٿيڪي تو ڪئي آخر ،
مگر هر روز اي رانجهن سڪايل کي سڪائين پيو .

4. فقط هڪ مرڪ جي منٿا رهي "حيدر"کي حسرت ٿي ،
مٺا مرڳو وري اڄ تون ائين بس موڪلائين پيو .

# غزل

اجل کان اڳ مڙي مون ڏي، اچي اندر جا آرا ڏس،
خوشي جائي خوشيءَ اندر، وڄا آهن نعرا ڏس.

ڪريو ڪي پال جا پيرا، گهمايو ڪي پرين پيرا،
لهن من جا سيئي ميرا، برهہ بادل هي ڪارا ڏس.

وڏئي چا ڪان وڏا ويلا، رُٺاڙي رت جا ريلا،
ملڻ جا ڪي ڪجان ميلا مُني دل تي مارا ڏس.

صفا سهڻا سڙي پيئيون، سجڻ تو لاءِ رڙي پيئيون،
اکيون اپ ۾ اڙي پيئيون، اشارن تي اشارا ڏس.

وچئين ويلي ڪري وارو ڪجو "حيدر" ڏي هالارو،
ڪري لالڻ وري لاڙو، وبهي پاسي پيارا ڏس.

# غزل

تو سان جيءُ لڳو آ جاني ،
منهنجا جاني منهنجا جاني .

تنهنجي ياد پيارا دل کي ،
ڪري ويئي مستاني .

سوچيم تنهنجي در تي دلبر ،
ڏيان اچي درباني .

ناز وارا، ڪا نينهن جي مونکي ،
ڏيئي وڃ ڪا نشاني ،

"حيدر" جو تون آهين پيارو ،
تنهنجو ناهي ڪو ثاني .

..........................................................

# غزل

، ۾ جايون تو لاءِ جاني، جوڙيو وينو جوڙيان سائين،

ٽٽي ناتا تنهنجي خاطر توڙيـــــو وينو توڙيان سائين.

تنهنجي سونهن سمونڊ آ سائين ، منهنجي دل آ درياءَ وانگر،

پيار ۾ پنهنجي پاڻ کي هر دم ٻوڙيو وينو ٻوڙيان سائين.

تنهنجي نينهن ۾ نازڪ نيزا تنهنجي نظرن جا،

پنهنجي دل ۾ دلبر هر دم کوڙيو وينو کوڙيان سائين.

خيالن واري بستيءَ اندر، پنهنجي پاڻ کي آٿي "حيدر"،

هر هر منهن کي تنهنجي منهن ڏي موڙيو وينو موڙيان سائين.

..............................................

# غزل

منا محبوب ائين مونسان، نہ منهڙي کي مٽڻ گهرجي،
جشن جوڙي سوين جاني نہ جيئري کي جهٽڻ گهرجي.

ڪتيو تو قلب منهنجو ٿهر جون ڪانيون پرينءَ پائي،
ڏيئي ڦيرا ڦري دلڙي، نہ ٿارن جيئن ڦٽڻ گهرجي.

منا محبوب ماريو تنهنجي مورت ملڪ ساري کي،
سنواري سنڌ کي سهڻا، نہ دلين کي اٽڻ گهرجي.

نہ ڪر دلڙي وڏائي تون حبيبن جو هي گهرجي،
جتي سر جا ٿين سودا انهيءَ در تي جهڪڻ گهرجي.

نہ ڪر افسوس تون ”حيدر“ وڇوڙو ايندو ويندو آ.
جڏهين جاني گهمي گهر ۾، تہ پوءِ غم کي وڃڻ گهرجي.

..........................................................

# غزل

هزارن مان حُسن وارا، هينئون منهنجو هٽي وئين چو،
لکن مان منهنجي اي لالڻ، کسي دلڙي کٽي وئين چو.

پرينءَ ڳل تنهنجا اهڙا، جهڙا کي گلابي گل،
وڏي واکي چوان تو اچ، مونکي واهه جو وٽي وئين چو.

کندين آزار کان آزاد، کڏهين مونکي تون منا جاني،
ازل کان عشق ۾ اتڪائي اک اٽي وئين چو.

سڄڻ نازن ۽ نخرن سان دليون نازک نهوڙين تو،
سندم دل ۾ به سورن جي، هٽي هئي، هئي ڦٽي وئين چو.

هميشه لاءِ هتيڪو ٿيو، هينئون "حيدر" جو تو وٽ آ،
سندم سر ساهه جو اي سونهن وارا، تي ڏٽي وئين چو.

..........................................................

# غـــزل

سچ تيو بيگانو يارو ،
ڪوڙ جو آيو زمانو يارو .

پئسو ويئڙو وقت والاري ،
نوٽن ڪيو آ نشانو يارو .

رشوت تي ٿو راضي رھي ،
دولت جو ديوانو يارو .

سچ جو سوريھ سڙندو رھندو ،
پختو تي پروانو يارو .

موت مري پيو "حيدر" ھاٽي ،
الفت جو آشيانو يارو .

# غزل

چا خبر مونکي کو هيئن خــفــا ٿيندو يلا ،
سر مٿي منهنجي ستم جورو جفا ٿيندو يلا .

آمهون سامهون ٿي چيم، اڄ کڻ اکيون کل يار تون ،
هن چيو معشوق کو ئي ائين صفا ٿيندو يلا .

مون چيو کر وصل واريون ڳالهڙيون مشفق مٺا ،
هن چيو ائين کو کرم، ظاهر مٺا ٿيندو يلا .

مون چيو تو ڳڌ رهڻ جو قول کيئڙو هو پرين ،
هن چيو هيءَ قول کيئن مونکان وفا ٿيندو يلا .

مون چيو پردو پري کر، عرض سڻ "حيدر" سندو ،
هن چيو محبوب کو ائين با وفا ٿيندو يلا .

# غــزل

سڄڻ داغ آ دل کي تہ ڏاري وڏو ،
انهيءَ مونجھ آ من کي ماري وڏو .

ڪيئون رُخ متي اڄ ڪا رنگا رنگي ،
انهيءَ رنگ آ روح ٻاري وڏو .

ڪٽي نيڻ نرگس نرالا نوان ،
جوانيءَ ڪان جاني تو ڪاري وڏو .

ڪري سانگ سارنگ چڙهيو سانگ تي ،
ائين دل کي دلبر ڏُتاري وڏو .

اکين مان تہ "حيدر" چو هاري نہ هنجون ،
ڏکي دل سڄڻ توکي ساري وڏو .

# غزل

سوا تنهنجي سڄڻ سهڻا، سَنڌن مان سار ويئي نڪري،
جيئڻ جي سُڌ، جِسي جِند جان مان جُونجهار ويئي نڪري.

جُهڙالو آ جُهڙالي آهہ، جُهڙ موسم جُڙيا جاني،
بنا تنهنجي ڀنا بادل، مگر مهڪار ويئي نڪري.

ڪري بادل آ بيٺو بس، مگر اکيون وسن پيپيون،
ڪيو چمڪو جو چمڪيليءَ سندس چمڪار ويئي نڪري.

ڪيل واعدا وساري پوءِ ميارون ٿو رکين مون تي،
ڪيم گهوڙا ڳريم ڳوڙها ڳچيءَ ڳار ويئي نڪري.

نچوڙيو ۽ نهوڙيو نينهن نازڪ تنهنجي آهي نازڪ،
ڪٺل "حيدر" ٿيو قابو هيئين هونگار ويئي نڪري.

# غــزل

چا پڇين چا ڪان پڇين تو، حال دلبر يار جو
هن ڪي بانور سينڌ، سُرمي جو سدا سينگار جو.

ناز مان نڪتي نظر، نازڪ سندي نيزي مثال،
سور سيني ۾ اُٿيو، چڙھ ڏنگ وڇونءَ جي وار جو.

ڪين چاتم مونسان ٿيندو ڪو وري ويڌن پيو
مونکي حاصل ٿيندو ياڳو جسم جي جنسار جو.

دل تہ درياءَ آهي منھنجي، ڏي نہ درياءَ جو دليل،
آ مٿي سر ڪان سمنڊ ٽڪڙي تڪي هن تار جو.

تنھنجي چانئٹ ڪي چمي دربار ٿيئڙس درتي هاڻ،
جهلڪ جاني ٿي ڪپي جلوو سندي جهلڪار جو.

پٿيچ پينگهي ڪان پيم، ۽ لنئون هٽي لاچار ڪيو
حال "حيدر" حال ڪان، بيحال ٿيو بيمار جو.

.....................................

# غزل

آهين ڪوئي اصلئون تون نازڪ نجيب،
قدر ڪين ڪنهن جو ہي ڪاوڙ قريب.

خبر پيئم ساجن اٿيئي نيڻ خوني،
ڏسان پيو اکين سان اجل عنقريب.

اهو آهه ارمان تون آن امير،
مگر مان اڳيان آهيان هڪڙو غريب.

نظر مهر جي تو منگان مان آهيان،
خطا دار خاڪي خطاعي خطيب.

پرين داغ هن آ ڪيئي ناس دل،
محبت سندي مرض ماري مجيب.

نڪا غرض ڪائي نڪي لوڀ لالچ،
ملاقات تنهنجي ٿئي شل نصيب.

مرڻ بعد دلبر ڪري منهن،
ڏئين پير تربت تي "حيدر" حبيب.

# غزل

لنئون لڳي لالڻ سان آهي، لال لڱ لڱ لس مٿي،
ڳهر ۾ ڳاهت سنديون ڳالهيون ٿا ڪن گهر گس مٿي.

پر پيارل ساڻ پيتم، جي پيالا پر ڪري،
ڪيف تنهنجي سان ڪفايت ڪيف ٿي اُن ڪس مٿي.

وٽ ملي وٽ ساڻ ، پر مون وٽ اها پانئي وٿي،
وٽ انهيءَ ڪان واٽ پهتي، وصل واري وس مٿي.

هن هنيو خيمو خوشيءَ جو مون جليو سارو جسو
هن جسم جليل اندر جاني ملي ڪو جس مٿي.

چور ان شهزور جو چرچو چڙهيو چوٽي مٿي،
هٿ هنيا "حيدر" مگر، سا رات ويئي ان رس مٿي.

........................................

# غـــزل

ناز تنهنجو چا چوان، نازڪ نزاڪت اي نجيب،
تو نگاهن سان نوازين، تنهنجي ايءَ عادت عجيب.

مال ملڪيت، زيب، زينت، جان جند قربان ڪل،
تنهنجي شاهي شان شوڪت، جي مٿان مشفق مجيب.

چنڊ، سج، ٽيڙو، ڪتيون، تارا مڙيئي تائب ٿيا،
توکي ڏسندي ٿا جهڪن، تنهنجي ڪماليت قريب.

اي صنم ساقي خدا لڳ جام ڪو جنت مان ڏي،
تو مران اي يار ياقي، ڪر عنايت اي عجيب.

ماس، چَم، مِک ۽ هڏا، سڀ حال حاضر تو اڳيان،
هوت "حيدر" جا قبوليئن، تان وڏو ڀانئيان نصيب.

..........................................................

# غزل

ڪٿي شبنم جي قطرن کي ڀري سرهاڻ ملنداسون،
سڪن سان پل نہ مليا سون، ڏکن سان هاڻ ملنداسون.

جفائن سان ڪري رانديون گھٽائي مشڪلاتن کي
وفا جي راھ ۾ پارس، پرينءَ پڪ چاڻ ملنداسون.

زماني ساڻ هلڻ ٽڪڙو ڪپي ٿو هاڻ هر حيلي،
ڪٿي اهڙو قدم دلبر، ڪري ڇڪتاڻ ملنداسون.

هزارين، راز دل ۾ مون رکي هي عزم ڪيو آهي،
زماني ۾ سچڻ ظاهر صفا ٿي پاڻ ملنداسون.

لبن تنهنجي جي لاليءَ کان ملي لالي جا لالا کي،
گلابن جي اکين ۾ ساوڻي ڳاڙهاڻ ملنداسون.

سواءِ قسمت قريبن سان، ملڻ مشڪل ٿيو آهي،
اگر "حيدر" هليا حيلا، محبت ساڻ ملنداسون.

# غزل

سڄڻ بدلي وڦائن جي جفائون ڇو ڪرين ٿو چا لاءِ.

خطا ڪم آهه منهنجو خطائون تو ڇوين ڇا لاءِ.

ڪئي مون وفا جهڙي هُئي جيڪا وس منهنجي،

مقرر اي پريںءَ اهڙيون سزائون پيو هڻين ڇا لاءِ.

سند ئي هن زلف زنجيرن جو ڪيو ڪم قيد جو ڪافي ،

وري ڇهري مٿان جشن سنديون ادائون ڇو ڪرين ڇالاءِ.

ڇوين "حيدر" ڪي پيو پنهنجو. وري تنهن مٿان ستم سهڻا ،

مٿان رقيبن تي مٺا جاني عطائون ڇو ڪرين ڇالاءِ.

# غزل

اِتفاق تو جڏھن عشق جو رنگڙو اھڙو رچيو وڃي ،
اوچتو آڙاھ الفت جو اندر اُٿيو وڃي .

مون تي چاھيو ھن جي چائنٽ تي وڃي چپڙا رکان ،
پر ھميشہ ياڳ منھنجو راھ ۾ رکيو وڃي .

ڪنھن نہ ڪنھن ڦيري سان آخر مھل ڪا ملندو ضرور ،
آھ منھنجو ياڳ اھڙو، ھو اچيو ھليو وڃي .

مون ڪئي جنھن ڪان تي محبت سو اچي دل ۾ رھيو ،
چا ٻڏايان ايندي ويندي پيار اھڙو ٿيو وڃي .

ڪو نہ "حيدر" ھيئين ۾ ھو اھو وھم ۽ گمان ،
رنگ قدرت جا تہ ڏس، مشفق وريو مليو وڃي .

# غـــزل

ويچ ڪي واڪا ڪيم، اڄ اڄ طبع منهنجي تپاس،

پرجهلو آهين پلو ڪمزور تي ڪجهه ڪر قياس.

مان ٿو ورجايان هميشه، ورد تنهنجو منجهه وجود،

ياد تنهنجي يار هر دم آ ڪيو مونکي اُداس.

مون ڇڏيا آهن گهڻائي درد دنيا جا گهڻا،

تنهنجي غم ليڪن ڇڏايو آهي ڪاڏو ۽ لباس.

آهي نيت منهنجي هي چائنٽ اچي تنهنجي چمان،

شل ڪري پوري سگهي، پرور اها "حيدر" جي آس.

# غزل

راحت جي رات آئي، رانجھن رفيق آيو
سردار منھنجو سھڻو، شافع شفيق آيو.

سھڻو سجڻ سراسر سڀ کان پلو برابر،
محبوب منھنجو منور خاصو خليق آيو.

جنھن جا پري پسارا، ڏسندي لھن خسارا،
تنھن جا پسڻ نظارا، طالب طريق آيو.

"حيدر" ڏکن ۾ گھاري، پنھنجي سجڻ کي ساري،
پيمان پنھنجان پاري، عاشق عميق آيو.

# غــــزل

وسي تو من اندر منهنجي ڏسو همدوش پرين منهنجو ،
پري آهي نہ پل مونکان، لکل آ پوش پرين منهنجو .

ٻڌم پڻ پڻ سندا پٽڪا ، کيائون کن اندر کُٽڪا ،
لڳيون کينوٽيون دل جي کُڻ کان بظاهر خاموش پرين منهنجو .

ڏسو گفتار گل اندر، تئيم هاجو کو هل اندر ،
ني ماريو ملهہ اندر کري مدهوش پرين منهنجو .

درشن مليون ديدون، اگهڻ آيا ٿيون عيدون ،
ي پهتو عجب حالت اندر ، آغوش پرين منهنجو .

سوين حملا ٿيا "حيدر" لڳيون اکڙيون ڏسي اوجر ،
اُتم آواز منجهہ اندر، گلابي گل گوش پرين منهنجو .

# غزل

تيو منجهہ قلب قائم قرب تنهنجي جو قرينوڙي،
جڏهن کان جيءَ گهريا جاني ڏٺم تنهنجو جنبيوڙي

پلي سنسار ۾ سينگار کن سهڻا سهي سنيري،
مگر ساهي نہ سگهندو ڪوئي سهڻو تو ساڻ سينوڙي

ڳڏيو گلفام گوهر گلبدن گلزار گلشن ۾،
مليو ديدار جي در کان ئي دردن جو دفينوڙي

مدايون منهنجي من مان مهلقا ميڙي ڇڏيندو ڪل،
خبر ڏي خابر! ڪوليان خوشين وارو خزينوڙي.

هتي منجهہ گوندرن گهاريان، پريئَ جو نانءُ پوڪاريان،
هري "حيدر" هميشہ لاءِ، منهنجي من ۾ مدينوڙي

# غـــزل

پياري وئين نشو نينهن جو، نشو پيو پي ڪنداسون چا.
منا محبوب تو ماريـو ، وري اڄ جي ڪنداسون چا.

لڳي وئي لنئون توسان لالڻ لکڻ وسريو پڙهڻ وسريو
اَلستي آنگ پڙهياسين اڳ، پڙهـي اي بي ڪنداسون چا.

جدائي ويو ڪري جاني، بنائي زندگي اوکي،
مليو ورثي ۾ غـــم آهي ،خوشي هٿ ۾ ڪنداسون چا.

مٺي آ ماٺ تنهنجي پر، ڀَلو مُرڪڻ منا تنهنجو
نه مرڪـي تو منـا جيڪر،هتي ويهي ڪنداســون چا.

هٿاسين شاهه "حيدر" اڳ. نظر تنهنجي گدا ڪياسين،
زماني ۾ وري پيهر ، سڪندر ٿي ڪنداسون چا.

# غزل

کِلِ خوشيءَ مان تون خدارا خوش نما ڪارو مَ ٿي،
جان من جائي جيارا ڇڏ جفا ڪارو مَ ٿي.

پاڻ پرزا ٿي پيئڻ تنهنجو پڇي پيارل پرين،
باوفا ڪان هيئن بي سبب بي وفا ڪارو مَ ٿي.

مان وارا محب تون، منهنجون مدايون معاف ڪر،
برهہ ۾ بي وس رهان ٿو بي خطا ڪارو مَ ٿي.

شهر مان سهڻا نہ ڪير، سرڪش نہ ٿي سرڪار تون،
ملڪ ۾ مشهور تون، اي مهلقا ڪارو مَ ٿي.

ڪو نہ "حيدر" ڪي سجهي ڪو سرڪار تنهنجي مٽل،
توکي تنهنجو آ قسم، سائين صفا ڪارو مَ ٿي.

..............................................................

# غزل

جنهن زماني کان سندم راڻو ويو آهي رُسي،
روئي روئي لُڙڪ لاڙي، ويا پنبڻ منهنجا کُسي.

منهنجي نيڻن جي اڳيان، آ مينهن جي کهڙي مجال،
جتي وهان تو پٽ اُهو، پورو پوي تو بس پُسي.

سرس هن کان تون صنم مون تي ڪندين کهڙو ستم،
سڪ تنهنجي ۾ تہ منهنجو ساهہ سچ پچ ويو سُسي.

عشق جا لاڙها ۽ چاڙها مون ڏٺا آهين سوين،
ڪو رچائي روح کي تو ڪنهن کان پئي تو من مُسي.

ىاهہ "حيدر" توکي سائين ڪيئن پلا ڪجهہ چئي سگهي،
قرب تنهنجي ۾ ئي ڪامل ويو هميشہ لاءِ کُسي.

# غزل

ڪرين نخرا نوان، نازڪ ادا نازن سميت،
تو چڙهين ساڙي صفا، سينگار جي سازن سميت.

دم تنهنجي ۾ دليون، دلبر ڏنم داڻن مثال،
تو ڪٽين تڪيون اکيون، بس برهه جي بازن سميت.

تنهنجي قربت ۾ ڪشش ڪا آ رکيل اهڙي پرين،
نينهن ۾ هرڪو ڪري ٿو نوڪري نيازن سميت.

آئون چوان تنهنجي ڪماليت ڪي وڏو آهي ڪمال،
تو قدم جانچيو رکين، تون منجهه عشق اندازن سميت.

غم ٿيا غالب جڏهن، "حيدر" مٿي حيدرقرار جا،
در مٿي آيو هلي هو، دوست دمسازن سميت.

..........................................

# غــــزل

ناز سان تنهنجو نهارڻ تو لڳي البت عجيب،
تو ڪرين مونسان اڄ مرڪي منا محبت عجيب.

ناز سان نازڪ نهوڙي تو ڇڏيو منهنجو نصيب،
رنج مونکي تو ڪرين، تنهنجي رضا رغبت عجيب.

سينڌ ۾ سرما، ڪري گوهر گهمين گهٽيون پيو
ڇو حبيبا تو ڪرين، هيڻن متي هيبت عجيب.

ماڪيون، مصريون، متايون، مٺ نہ تنهنجي ميٺ سان،
شوق وارن لاءِ تون شيرين شڪر شربت عجيب.

ڪيئن ڪري ڪاڏي وڃي "حيدر" هتي تون کان سواءِ،
خوبرو تون ٽئين صفا منهنجي ڪيئي حالت عجيب.

# غزل

ڏيئي سور سهڻا سوداگر بنائيءَ ،
نظر ساڻ نازڪ نشانبر بنائيءَ .

ڪري محب ماڻا، محبت ۾ ماريئي ،
گلابي لبن سان گداگر بنائيءَ .

وراڪا وجهي زلف زهريءَ جا ڏاڍا ،
رهڻ منهنجو تنهنجي در تي مقدر بنائيءَ .

ڏنم خواب ۾ خوش ، خوشيءَ ساڻ کلنديِن ،
مگر مونکي اڄ اوڇتو ابتر بنائيءَ .

ميجي حسن تنهنجي جي "حيدر" غلامي ،
ڏيئي سرڪي سيد کي شاعر بنائيءَ .

......................................................

# غــزل

اچ تہ ويهي اچ يار پيارا، پيار جون ڳالهيون ڪريون،

دل چوي ٿي دلربا دلدار جون ڳالهيون ڪريون.

درد جي اونداهہ ۾ ڏس عشق جو آڙاهہ ٻريو

دل اپامي ديد لاءِ ديدار جون ڳالهيون ڪريون.

تات تنهنجي ۾ اجوڪي وئي وهامي راتڙي،

قرب واري قول جون، اقرار جون ڳالهيون ڪريون.

يار جي انڪار ۾ اج رات هيءَ گذري وڃي،

دوستو مون ڏي اچو مننار جون ڳالهيون ڪريون.

هو نہ "حيدر" هت هلي ايندو هلي حاضر ٿيون،

دل جي دلبر دوست جي دربار جون ڳالهيون ڪريون.

# غزل

خدا حافظ چوڻ مونکي پيارو يار آيو آ،
پچاڙيءَ ۾ ڏيڻ مونکي پرينءَ اج پيار آيو آ.

ويو وسري هئس آئون، ويا ڪئين سال هئا گذري،
مگر مونسان وري هاڻي ملڻ منٺار آيو آ،

چمن ۾ ڇهچٽو تي ويو خزان جو خاتمو تي ويو
گلن ۾ گل بدن منهنجو جڏهين گلزار آيو آ.

وفا جي مند آئي آ، جفا جو وقت ويو هليو
رٺل اج روح سان پورو ڪرڻ اقرار آيو آ.

نہ هو ڪو حال "حيدر" جو مگر هو مهرباني سان،
اگهائي، عرض هي منهنجو اڙين آڌار آيو آ.

...............................................

# غـــزل

لکڻ واري ڪيم ڪوشش، مگر لکندي منجهي پيئڙس،
وڃي پير ۾ سندن بيٺس مگر پڇندي منجهي پيئڙس.

لکان ڪيئن لڙڪ مان لاڙي ڏنم هر طرف اونداهي آهہ،
اُتي ائين ظلم ڪي ظلم، بس چوندي منجهي پيئڙس.

ويون ريتون سيئي رسمون، رواجن کي ڇڏيو ماڻهن،
وڏن وارو وڏو پٽڪو جڪي ٻڌندي منجهي .پيئڙس.

ڪچهري قرب واري، ڪر ڪهاڻي ڪا پراڻي هئي،
ڏسون چارئي ڏنم ڏوري، تہ ڏوريندي منجهي پيئڙس.

ٻڌي ڇڏ ڏيگهہ تون "حيدر" ختم ڪري ڳالهہ هي پنهنجي،
خبر سڀ ڪنهن کي آهي، پر هتي ڪهندي منجهي پيئڙس.

# غزل

ملڻ معشوق عاشق تان متي عرش اسرار ٿيا ثابت،
لهي ويو چنڊ چوڏهين جو عجب ديدار ٿيا ثابت.

مليا پائي ڳراٽيون ڳچ ويا متجي محبت مچ،
ڇيو سيني ته آهي سچ سونهان سردار ٿيا ثابت.

پرينءَ پائي ڪجل ڪاني ڪيا پئي شغل شاهاني،
پئي حورن ۾ حيراني ، هيئين جا هار ٿيا ثابت.

ڏنائين سور دل مجبور چڪنا چور ڪي همدم،
ٿيس مهجور پڻ معذور پرين جا پار ٿيا ثابت.

ڏسو محبن سندا ماڻا، سيد جي ساهه سيباڻا،
ڏنم "حيدر" ته هئا هاڻا سي هاجيڪار ٿيا ثابت.

# غـــزل

اکـــڙين ڪيا اشــــارا ، سينگار جي نمونـــــي ،
جانچيو وجهن جلايو ، جهلڪار جي نموني،

1. سُرمان پايو سُٽين ٽيون ، دلڙيون ڪٽيو ڪٽين ٽيون،
شهباز جيئن جهٽين ٽيون، شِڪــــــــــار جي نموني ۔

2. ڀالا پُريو ٻيهن ٽيون ، واقعا ڪريو ورن ٽيون،
ماريو صفا وجهن ٽيون ، منئـــــار جي نموني ۔

3. ڪاريهر جڏهن اُٿن ٽيون ، اُلرون ڪريو اچن ٽيون ،
"حيــــدر" نمـيــو ڏسن ٽيون ، انڪار جي نموني ۔

# غزل

توکي نہ آهي سهڻا ، سينگار جي ضرورت،
ابرو جي هوندي ڪائي، تلوار جي ضرورت.

تنهنجو ئي ورد آهي ، منهنجي وجود اندر
تو ڪان سواءِ نہ سهڻا ، سنسار جي ضرورت.

مون پڪو پڙهي ڪيو آ، نالو اوهانجو پيارو
هاڻي فقط اوهانجي ديدار جي ضرورت.

چوويهئي ڪلاڪ تنهنجي چاهت اندر ٿا گذرن،
قربت سواءِ نہ ٻئي ڪنهن ڪم ڪار جي ضرورت.

ماڻهو چون ٿا "حيدر" چريو ٿيو آ چا لاءِ،
مونکي نہ آهي، اهڙي گفتار جي ضرورت.

........................................

# غزل

ڏکي دل جو دلبر ڪريو ھاڻ دارون،
تيو ڏيل سارو ڏکي ھاءِ ڏارون.

سجڻ آھي توتا ن سندم سر بہ صدقي،
پرين تنھنجون ڪريان تو پل پل پچارون.

طلب تنھنجي چاڙھيا ، اتم طاق تن جا،
مٿان برھہ برسي، ڪيون ڏس بھارون.

رڳو روح اندر رھيون تنھنجيون يادون،
پرھہ مھل اٿيو ڪريان تو پڪارون.

اڳيان ھنجي "حيدر" ھميشہ رھان چپ،
مٺا محب مونکي ڏين جي ميارون.

# غـــزل

وجهي نيڻ وينس مان دلبر جي در ۾ ،
اچـــي شال مونکي هو نازڪ نظر ۾ .

ڏکا ڏومان دم، دم ، ڏنا دوست دلبر ،
مگر آهي محبوب، من جي اندر ۾ .

جڏهن کان سو جاني جهڻي دل ويو آ ،
سچو ڏينهن گذري تو تنهنجي پچر ۾ .

چنبيلي ۽ گونتي جي هٽ ڪٿ مجال آ ،
ملي جا خوشبو اوهان جي پگهر ۾ .

ڪجي ڪين "حيدر" سگهيو هن جي اڳيان ،
بيهاري ويو آ، سڄڻ جنهن ڪي بر ۾ .

.........................................

# غزل

اڪيلو اڪيلو نہ آھيان اڪيلو
سدا آھ مونساڻ، يادن جو ميلو

ستمگر ستم ڪر، يلي، لوڙ مونکي،
مگر مان تي رھندس، پرينءَ تنھنجو چيلو.

قسم توکي تنھنجو، او سائين سونھارا،
ڪجان ياد ھر دم، وسارج نہ ويلو.

وڃان دور تي يار دنيا کان جڏھين،
حبيبا ڪجان پنھنجي ھٿ ساڻ ھيلو.

وسارڻ جي وائي وساري پيارا،
اچج پنھنجي "حيدر" ڏي ساجن سويلو.

# غزل

اسان سڀ ڪڏهن آزمائي ڇڏي سون،
سري عام دلڙي، لُٽائي ڇڏي سون.
پيو راڳ رڳ رڳ ۾ رِينگي جِهين ڪان،
اها تار من سان ملائي ڇڏي سون.

ٻري ٿي ٻري پيئي اندر جو اندر ۾،
اها آگ اونهي، لڳائي ڇڏي سون.
ڏِسڻ ساڻ مونکي ڏئي ٿهڪ هرڪو،
اِها پنهنجي حالت، بنائي ڇڏي سون.

سڄي ملڪ ڪي ائين، ٻڌائڻ جي خاطر،
محبت جي محفل، مچائي ڇڏي سون.
هيئين ۾ رکي ڳالهه، "حيدر" ٿي جيڪا،
سڄڻ کي سڄي سا سڻائي ڇڏي سون.

..........................................

# غـــزل

ورهہ ڪئي ويراني دلڙي،
دلبر لاءِ ديواني دلڙي،

لوڪان لڪائي توکي ڏنيم،
نازڪ هيءَ نيشاني دلڙي.

عشق جا ڪيئي جام مليا کي،
موج ڪئي مستاني دلڙي.

چوڏهين جي، چنڊ وانگي چمڪي،
سچ پچ سا تہ سُهاني دلڙي.

واسي چڏيو "حيدر" کي جنهن،
جلويدار جواني دلڙي.

.........................................

# غزل

اُلفتون گھٽبيون وڃن نفرتون وڌنديون وڃن،
مطلبي يارن سنديون قُربتون وَڌنديون وڃن.

ڪي تہ دولتمند دنيا دار جن وٽ دولتون،
ڪنين نہ لولي لوڻ آهي غُربتون وڌنديون وڃن.

ڪن غريبن تي غمن جا بار بي حد تا هجن،
ڪي تہ مستي ۾ جنين جون راحتون وڌنديون وڃن.

ڇا نہ ڇا ڪرڻو پوي ٿو عشق ۾ اي دوستو
راھہ تي روئڻ سنديون ٿيون عادتون وڌنديون وڃن.

معجزا الفت سندا، ڪريون "حيدر" ٿيا ڪي رونما،
دوستن جون واھہ، واھہ ھي صحبتون وڌنديون وڃن.

........................................

# غزل

منو محب منهنجو اڇي ڙي اڇي ،
تہ منهنجي حياتي بچي ڙي بچي ،

جليو جيءُ منهنجو جدائي ۾ سارو ،
پسہ منجهہ پورن، پچي ڙي پچي .

نئين سج نوان تا ٿين سور دل ،
محبت پئي نت مچي ڙي مچي .

جڏهن ٿيون پسن هي اکڙيون اوهان کي ،
تڏهن ٿي هي دلڙي نچي ڙي نچي .

هينئون هاءِ "حيدر" جو توکان سواءِ ،
غمن ۾ پيو اڄ گڇي ڙي گڇي .

....................................

# غـــزل

منو محب منهنجو اچي ڙي اچي ،
تہ منهنجي حياتي بچي ڙي بچي ،

جليو جيءُ منهنجو جدائي ۾ سارو ،
پسہ منجهہ پورن، پچي ڙي پچي .

نئين سج نوان تا ٿين سور دل ،
محبت پئي نت مچي ڙي مچي .

جڏهن ٿيون پسن هي اکڙيون اوهان کي ،
تڏهن ٿي هي دلڙي نچي ڙي نچي .

هينئون هاءِ "حيدر" جو توکان سواءِ ،
غمن ۾ پيو اڄ گڇي ڙي گڇي .

.........................................

# غزل

سواءِ تنهنجي ڪيئن مان هوائن ۾ رهندس،
ڇڏي هي بهارون، خزائن ۾ رهندس.

ڏيئا، عشق الفت جا، ٻاري تڪس مان،
هيئنئر هوش وارين، هوائن ۾ رهندس.

سڄڻ گهرج باقي، نہ ڪائي رهي آ،
وڃائي وتون ڪل وفائن ۾ رهندس.

ڪيئون خون ناحق تہ ڇاتي پيو جو
تي مشهور مان ڏند، ڪٿائن ۾ رهندس.

ڏُکن بعد "حيدر" مِلن سُک ۾ راحت،
بلاتو برهہ جي، بلائن ۾ رهندس.

.......................................................

# غـــزل

پيارن جي ياري، اڄان ياد رهندي،
هي الفت هميشهه ئي، آباد رهندي.

وڇوڙي ڪيا ويل آهن وڏا ڙي،
فضا ۾ فقط، هاڻ فرياد رهندي.

سڄڻ جو تصور رهي دل ۾ هر دم،
غمن کان پلا ڪيئن، سا آزاد رهندي.

پڇڻ جي نه پڪ آ، لکڻ ڪار آهي،
اها سار سيني، اندر شاد رهندي.

ٻُڌي شعر منهنجو، نه ڏين داد دوست،
ته "حيدر" اها، مونسان بيداد رهندي.

................................

# غزل

جنهن تنهائي پچائي آهي ،
محبت ان ئي مچائي آهي .

عاشق کين ، اڪيلو چئبو ،
واحد دلڙي ، وسائي آهي .

ڏينهن هجي يا رات هجي پر ،
اُڏمن راهه ، رچائي آهي .

چارو ناهي سواءِ لکڻ جي ،
ائين جڻ عمر ، اجائي آهي .

"حيدر" چاڻي واڻي پنهنجي ،
راحت چو تو وچائي آهي .

..............................

# غزل

گھڙي ڪا تہ ڪنھن سان گذاريو او جاني،
ڪٽي نيڻ نازڪ نھاريو او جاني.

رڳو محب ھر ويل ماريو ٿا مونکي،
ڪڏھين جام ڏيئي ، جياريو او جاني.

لڪائڻ ۾ چا آ ، رکيل يار پيارا،
ڪري چھرو ظاھر ڏيکاريو او جاني.

وساري صفا تو ڇڏيو مونکي آھي،
سگھو ائين نہ ڪنھن کي وساريو او جاني.

گذارياسين ڏاڍا پري ڏينھن "حيدر"،
اچي ھاڻي ويجھو ويھاريو او جاني.

..........................................

# غزل

هو نکرن ٿا نازڪ ڪري موج ماٽا ،
سوين عشق وارا پون ٿيو ٿا ساٽا .

چڏيل چوٽ آهن سچڙ هي پلا ، چو ،
ذرا روڪي رکجان جادوگر جلاٽا .

ڪٿي ڪله هئاسين ڪٿي اڄ آهيون ،
اسان جا نہ آهن، ڪٿي ڪي ٽڪاٽا .

ڪبا کهڙا ليڪا اوهان سان پيارا ،
ازل کان اوهان جي در خادم وڪاٽا .

پري اگهه "حيدر" اٿئي عشق جا ،
پُڇين چو پيارا پيو تنهن جا ناٽا .

........................................

# غزل

آهن ڏاڍا خوب تکل ،
منهنجي زندگي جا هي پل .

روئيو روئيو روز ، لکان ،
غمن پريا مان ڪيئي غزل .

اکر اکر ۾ شامل ڪريان ،
قربن وارا ڪئين ڪنول .

ماڻهو سمجهن واندو آهيان ،
آهيان قابو هر ڪنهن مهل .

"حيدر" آهي حياتي خواب ،
موت نہ ڪنهن تي ڪري ڪهل .

.................................

# غــــزل

بئي چشم تنهنجا طلسمات آهن ،
اجڙ تي ويا، دل جا محلات آهن .

ڏسڻ ۾ اچن ٿا ، رات جو ييي روشن ،
اهي هنجي جلون، جا جذبات آهن .

ڪڏهن دل جي دردن جا، درمان ٿين ،
ڪڏهين جام ساقيءَ جا فڪرات آهن .

ڪڏهن چشت چابڪ ۽ چالاڪ آهن ،
ڪڏهن حق جا هادي ۽ حضرات آهن .

ڪڏهن ٻڌجيو "حيدر" تا اُستاد بيهن ،
ڪڏهن جڻ تہ بادل ۽ برسات آهن .

........................................

# غزل

لُٽي ويا لُٽيرا هٽي دل کي ڌاڙا ،
پُڇان پنڌ کهڙا ۽ ڪنهنجا مان پاڙا .

سڄڻ ساهه سوگهو ، ڪري ويا سويري ،
ڏيئي ويا اندر ۾ سزائون ڪ ساڙا .

پڇايان پيو پور ، پر ۾ هزارين ،
ائين گڏ هميشه هجون جڻ ڪ جاڙا .

ڳُڇان تو تہ ٻاهر وڃي ٻاڦ نڪريو ،
رهن دل ۾ هر وقت رڳو روج راڙا .

ويئي زندگي ، زهر تي آهي "حيدر" ،
ڳڙا تو پيئان هت ڪڙهيل روز ڪاڙا .

.......................................

# غـــزل

ٺهڪن وارا ٽولا ڏس تون ،
فيشن وارا ڊولا ڏس تون .

خوشبوءِ جي ھٻڪار ھلي آ ،
سونھن ڀريا ھي شعلا ڏس تون .

چنڊ جيان ٿا چمڪن چھرا ،
سھڻا ڀريل سي چولا ڏس تون .

ڪنھن ٻہ نہ ويلي ملندو آھين ،
کھڙا ڏين ٿو رولا، ڏس تون .

"حيدر" تن کي جاچڻ وينا ،
آھن ڀالا ڀولا ڏس تون .

..............................

# غزل

خوشين پريو خواب چمان ،

جانيءَ جو تو جواب چمان .

گل گھٽيرا ھئا گلابي ،

چھرو چنڊ گلاب چمان .

ڪاري رات ڪي روح سنياليئو ،

من ۾ تو مھتات چمان .

"حيدر" ڏڪڙا ايندا ويندا ،

سورن جو تو ثواب چمان .

..............................

# غـــزل

وڏيا نيڻ نرالا آهن ،
ڇڻ نہ پرون کي پالا آهن .

دنيا کان سي دور ويا تي ،
پيتا جن بہ پيالا آهن .

پرواهہ ناهي اونداهيءَ جي ،
اکين ۾ تہ اجالا آهن .

سَوليءَ ناهي سک سڄڻ جي ،
قربن ۾ تہ ڪشالا آهن .

نينهن ۾ ناس ويا تي تن جا ،
"حيدر" وٽ حوالا آهن .

............................

# غزل

رات بڻي رَنگيلي ڏس ،
پنهنجي دل هَتيلي ڏس .

تو ۾ ڦيرو آيو ڪين ،
موسم جي تبديلي ڏس .

يار حياتي تو کان ڌار ،
آهي بڻي زهريلي ڏس .

هر هر مهڻا مونکي ڏين ،
وڏنڊڙ يار بخيلي ڏس .

"حيدر" جي دل پيئي ٻري ،
آهي لڳي جا تيلي ڏس .

.................. ...........

# غزل

روئڻ پنڻ وقت ھو پراڻو ،
واپس ورڻ وقت ھو پراڻو .

اُت کي درد جون دانھون چڏ ،
چُپ ٿي رھڻ وقت ھو پراڻو .

پنڌ ھلڻ سان ئي ڪٽندا آھن ،
وات تي وھڻ وقت ھو پراڻو .

مِلجي محبت وارن سان پر ،
ٻئي سان ملڻ وقت ھو پراڻو .

"حيدر" آھي ھوت ھيئين ۾ جي ؛
پنڌڙو پڇڻ وقت ھو پراڻو .

.................................

# غزل

منهنجا هُئا جي قول ڪيل ،
سي هُئا سارا پيار ڀريل .

ڪيئن سگهان مان پاري سي پيارا ،
آهي زمانو سڀ ٻريل .

هر شيءِ وڪريل آهي هت ،
آهہ قتل ڪل ناهي ٿيل .

محبت واري ڳالهہ نہ ڪائي ،
هر ڪنهن هت ۾ ڪات ڪنيل .

"حيدر" شعر مان ورندو ڀي چا ،
آهن سيئي توتي چيل .
.........................

# غــــزل

پنھنجا پاڻ ۾ ٿاھي ھلون سي ،
ڪوٽ ھي ٿھري ڍاھي ھلون سي .

تورا ڏس ھو مارويئڙن جا ،
ڪي تہ پلا ھٿ لاھي ھلون سي .

نينھن ۾ ننھڪر ٿھندي ڪانھي ،
آھي سيڪجھ آھي ھلون سي .

قربن وارا آھن جيڏانھن ،
لشڪر اوڏانھن ڪاھي ھلون سي .

محبت موجون ماڻي "حيدر" ،
نينھن جو دريا واھي ھلون سي .

..............................

# غزل

پنهنجي سان ڪجهہ گڏجي گهارڻ بہ سڪ ،
دلبر تن جي دل کي تارڻ بہ سڪ .

ناتو اهڙو رک تون مضبوط ،
جيڪو پاڙ پارڻ بہ سڪ .

تيندي رهندي آهہ هميشہ ،
ڪڏهين جيت تہ ڪڏهين هارڻ بہ سڪ .

"حيدر" آهن چو هي اُداسيون ،
ياري رکڻ ۽ نباهڻ بہ سڪ .

.....................................

# غزل

روئندو ساري رات جيڪا ،
ملندي پوءِ ذات جيڪا .

اڄ تہ پيارا اڳتي ڪاهيون ،
موت کي ڏي مات جيڪا .

سرڙو گهورڻ ۾ چو اهڙي ،
ڪرئين تو فڪرات جيڪا .

ڳالھ لئي ۽ ماني واري ،
آهي اجهي جي بات جيڪا .

"حيدر" آخر چو نہ ڪجي اڄ ،
ڪنڌ مٿي آ ڪات جيڪا .

.....................................

# غزل

سڄڻ پنھنجون سزائون تہ روڪ ،
وري منھنجون نہ وفائون تہ روڪ .

ڪرين ھيڻن مٿي ھيڏيون ،
ڀلا ڇو ھي ھلائون تہ روڪ .

سڄڻ سھڻو اڳي آھين ،
ڪيئي ڇا لاءِ ادائون تہ روڪ .

نٿو ڀر ۾ ويھڻ ڏئين پر ،
اسانجون وفائون ڏسي، جفائون تہ روڪ .

نہ خطرو تو لکين ليڪن ،
ڪرئين پر ۾ پڇائون تہ روڪ .

اسان ڪان "حيدر" ڀلي مُنھن مٽ ،
رقيبن تي عطائون تہ روڪ .

# غــزل

منو محب مونکي ملڻ پي نٿو ڏئي ،
اچڻ پي نٿو ڏئي، وڃڻ پي نٿو ڏئي .

لکي ۽ ڇُپي تو ڪريان بندگي ،
ڏسڻ پي نٿو ڏئي، رسڻ پي نٿو ڏئي

تڏي هنجي پهٿُس مان چانئٽ چمڻ لاءِ ،
چمڻ پي نٿو ڏئي، ڇُرڻ پي نٿو ڏئي .

عجب کيل آهي اسان جي پرين جو ،
ٽکڻ پي نٿو ڏي، ٽرڻ پي نٿو ڏي .

حقيقت مان "حيدر" پڇان تو جي هُنجي ،
ڪچڻ پي نٿو ڏئي، پُڇڻ پي نٿو ڏئي .

. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .

# غزل

ڪاٽ ڪنا ٿيا نفرت جا ،
ويڄي وڻ ويا، الفت جا .

ياءُ جو سر پيو ياءُ ڪپي اڄ ،
لاڳ وٺي پيو لعنت جا .

ڏوڪڙ خاطر جهوتون، جهڙپون ،
غم وڌي ويا غربت جا .

رواجن ۾ ويا رستا ڪٽجي ،
عابد واري عادت جا .

"حيدر" ٿيا مينار ڪڙا اڄ ،
هر ڪنهن جاءِ ملاوت جا .

................................

# غـــزل

کسي دل ويو جو ڏيئي راهه رولو ،
ٻٽيو دل جو دلبر، اهو ئي تہ ڀولو .

ڏسڻ سان دل پنهنجي وس کان وئي هئي ،
جڏهن منهنجي اڳيان هڪ مٺيو هو ٿولو .

محبت ڪري جيڪو ماٺهو ٿو ڪنهن سان ،
ڪڏهين ڪين گهر جو سو ڪائي ٿو لولو .

چوان هاڻ ڪنهن کي چوڻ ئي چريائي ،
ويو چور ٿي آهي، چاهت جو چولو .

چوڻ ٿا تہ "حيدر" بہ هوشيار آهي ،
مگر مان تہ آهيان صفا ڀالو ڀولو .

..........................................

# غزل

سچ چڙهيو هو ڦاهي يار ،
اونداهي ويو سڀ لاهي يار .

ٻوليءَ پنهنجي چاهيون اسين ٿا ،
ٻيو تہ ٻلي کو چاهي يار .

اُٿ چڏ صبح کي هاڻي ساٿي ،
رات ڪٽڻ جي ناهي يار .

اڄ جو اڄ ۾ ڪجهه ڪرڻو آهي ،
سوچ سياڻي چا هي يار .

سچل ، لال سائين ، شاهہ پٺائي ،
سنڌ ۾ سڀ ڪجهه آهي يار .

ٿورا پاڻ تي ماروئڙن جا ،
چڏجان هاڻي لاهي يار .

ڪوٽ هي ٺهري نفس جا ڏاڍا ،
سيئي چڏجان ڊاهي يار .

الفت جي ڪا جڳ ۾ "حيدر" ،
وات وٺون پر ٿاهي يار .

# غـــزل

صنم درد دل جا ٻڌائي نه سگهيا ،
ڇُپي ڪِين سگهندا لِڪائي نه سگهيا .

سچڻ شور تنهنجا وَتان يار سانديو ،
مگر منجهه سيني سمائي نه سگهيا .

لڳل آگ جن کي سبب سندي عشق آهي ،
سڙي خاڪ ٿيندا بچائي نه سگهيا .

ڏهاڙا اوهان سان مون گهاريا جي گڏجي ،
نه وِسرن ٿا هرگز ڀُلائي نه سگهيا .

سڄڻ تنهنجا سپنا، ڏسان رات ساري ،
اهي هول دل تان هٽائي نه سگهيا .

گهنگهر ۾ گذاري، جي "حيدر" پيو ڏينهڙا ،
گذارڻ به مشڪل، گهٽائي نه سگهيا .

# غزل

ڪٿان تو اچين تون نظارن ۾ ڳُوليان ،
سڄي رات جاڳيو ، ستارن ۾ ڳُوليان .

خدائي سموري گھميس تنھنجي خاطر ،
تو شھرن ۾ پَتڪان ، بزارن ۾ ڳُوليان .

لڪي لوڪ کان تو ڪريان تنھنجي پُوڄا ،
وڃيو مَسجِدن جي ، مِينارن ۾ ڳُوليان .

مزارن ۽ درگاھن ۾ نہ محبوب ملندين ،
سندئي نُور روشن سِتارن ۾ ڳُوليان .

مئن جي دڙي ڪوٽ ڏيجِي ھڙاپا ،
پُراڻن مٽيءَ جي آثارن ۾ ڳُوليان .

چون ٿا تہ "حيدر" تيو آ نمازي ،
ڪريان دَور سھڻن سِيپارن ۾ ڳُوليان .

.........................................................................

# غـــزل

وري باهه من ۾ ٻَري پئي ٻَري پئي،
وري دلڙي ڏُوڳُون ڪري پئي ڪري پئي.

محبّت جي منزل ڏِهاڻي تي ڏوري،
ڪري پنڌ هاڻي، پَري پئي پَري پئي.

ڪري شُڪر جا پيئي سجدا سدائين،
وٺي تُنهنجو نالو، تَري پئي، تَري پئي.

وريو تُنهنجيون يادون اچن جڏهن دل تي،
وريو لُڙڪ ڳاڙيو ڳَري پئي، ڳَري پئي.

هلي پيئي جيئرن جيان دِلڙي "حيدر"،
حقيقت ۾ ليڪن مري پئي مري پئي.

..................................................

# غزل

اڄ مُني محبوب کي منھنجا وڃي چئجو سلام ،
وٽ گهرائي پاڻ وٽ ، پنھنجو مٺا گولو غلام ،

1ـ ھر نظاري ۾ پرين توکي پيو ڳولي سدا ،
رت ڦڙا روئي پيو توکي پڪاري صبح شام ..

2ـ مان تيس پياسي گهڻو، پيارا اوھانجي پيار جو ،
پنھنجي ھٿ سان ھاڻ جاني، ڏي وري ڪو جلد جام .

3ـ پيار تنھنجي ۾ جو ڦاٿو سو پيو ڦٿڪي سڄڻ ،
دل کي دلبر تو ھنيو سو دادلا دلدار دام .

4ـ در اوھانجي تي ھميشه ٿو رھڻ "حيدر" گهري ،
اي سڄڻ سھڻا سگهو ڏي ، مونکي الفت جو انعام .

# غـــزل

مليا خوب سڄڻ کان آهن صِلا ،
پيا ڪن هو پنهنجن جي پر پٺ گِلا .

بظاهر لڳا تيز رفتار تي ،
مگر سُست نڪتا ، هو بلڪل ڍِلا ،

اسان ڪين ڪنهن ساڻ ليڪو ڪيو ،
مگر دوست پيا ڏين ، ساريو ٻِلا .

ڏسڻ ۾ ته ڏيکا هٽن شينهن جو ،
مگر آزمائش ۾ نڪتا ٻِلا .

اُٺائي ڪنيم سور "حيدر" هزارين ،
سجائي رکيم سر تي تاج ۽ طِلا .

..............................................................

# غزل

سجڻ يار جي آ برابر نہ ڪوئي ،
مٺي محب ڪان آهہ ، بهتر نہ ڪوئي .

ستارا ۽ سج چنڊ ، جهڪن يار اڳيان ،
ٿئي مٽ مٺي سان سڪندر نہ ڪوئي .

ڪيو جيڪي تنهنجي اکين آهي جاني ،
ڪري ائين سگهندو ستمگر نہ ڪوئي .

مليا جيڪي صدما مقدر تو پانيان ،
مليو ڪنهن کي اهڙو مقدر نہ ڪوئي .

محبت ۾ آهن سيئي رسمون جائز ،
نہ آهي ڪو مرتد ۽ ڪافر نہ ڪوئي .

پسان ٿو مان جيڪي اندر منجھ پنهنجي ،
ڏسان اهڙو ٻاهر ٿو منظر نہ ڪوئي .

ڪيو فيصلو آهي "حيدر" هي يارو ،
پلو مونکان سيڪو آ، ڪمتر نہ ڪوئي .

# غــزل

ڇا کان هو شرمائي پيئي ،
جهڙپ سان جيءَ جاڳائي پيئي ۔

محبت محبت چيز کهڙي آهه ،
گهور ڏيو گهرائي پئي ۔

عشق ۾ شرط نه آهي لازم ،
کهڙا حکم هلائي پيئي ۔

دل تي وهائي قرب جي ڪاتي ،
پيار جي راند رچائي پيئي ۔

ڪڙڪي مان ڏس جهاتي پائي ،
پنهنجو پاڻ پسائي پيئي ۔

گهر گهر گونجي گيت "حيدر" جو ،
کهڙيون پٽيون هيءَ پڙهائي پيئي ۔

.....................................................

# غزل

گهر مان جڏهين نڪران ٿو مان ،
سهڻو ٿي پوءِ سنيران ٿو مان .

جنهن هنڌ منهنجو جاني رهندل ،
تنهن هنڌ هر، هر، گذران ٿو مان .

ڪوڙ جي رات ڪٽي ٿي جڏهين ،
سچ جو سج ٿي اڀران ٿو مان .

خوش ٿي سمجهي دنيا مونکي ،
ليڪن دل ۾ روئان ٿو مان .

حال ڏسي دنيا وارَن جو "حيدر" ،
ڏاڍو اندران، پڇران ٿو مان .

................................................................................

# غـــزل

جڏهين دل لڳي ۽ تيس درد مند .
تڏهين ربّ ملايو، پرين دل پسند .

جڏهن عاشقن جون دليون پيون، قاسي .
زماني ۾ ظاهر تيو زُلف بند .

مٺو آهي ڏاڍو محبت جو نالو .
تيا نينهن وارا سندس نياز مند .

ثَنا ٿُنهنجي "حيدر" هميشه ڪبي .
ڪيو رب رُتَبو جنهن جو بُلند .

..........................................

# غزل

دلدار دل سندم کي ويئڙو ڪَٽي، ڪَٽي ڙي ،
ڏيئي ڦڪيون فِراقي ، وِيئڙو ڦَٽي ڦَٽي ڙي .

رُخسار رنگ عجائب آھن پِرون ٻئي جاڙا ،
جيئڙي جڏي کي جاني، ويئڙو جھٽي، جھٽي ڙي .

اَج سينڌ کي سنواري ، سينگار ڪئيڙا ساجن ،
وارن جا ڏيئي ور، پيو سينو سٽي، سٽي ڙي .

"حيدر" سان ھجر ۾ اَج ، ھاڃا ٿيا ھزارين .
حاڃن کان ھيسجي، ھاڻ ڪيئن ھٽي، ھٽي ڙي !

# غزل

منا چا لاءِ مون کان تون منهڙو مٽيوڙي ،
سچو ڏينهن ساڄن وتين تو وٽيوڙي .

اندر ۾ اُڏما اُٽن شل اچين تون ،
ڦٽي دل ڪري ڦارون ، فراقن ڦٽيوڙي .

پسڻ تنهنجي ڪارڻ ڦٽا ڪيا مون فيشن ،
صنم آهي سورن ۾ سينو سٽيوڙي .

سندم زندگي ، بندگي سڀ ويهون ،
نينهن نازڪ نهوڙي نٽيوڙي .

سڄڻ هار پنهنجي قبولي تو "حيدر" ،
ڪلي جي تون گڏجين ته جڙ مون ڪٽيوڙي .

......................

# غزل

اٿم دلدار سان مطلب ، پلي چريو چون ماڻهو ،
فقط هڪ يار سان مطلب ، پلي چريو چون ماڻهو .

1. ڪري جو دور صدما سور، تنهين کان دور ڪيئن گهاريان ،
مٺي مننار سان مطلب ، پلي چريو چون ماڻهو .

2. مٺي جن تان مٺو جاني ، چمان سي گس گهٽيون سارين،
انهيءَ بازار سان مطلب ، پلي چريو چون ماڻهو .

3. ڏسان مسجد ۾ مينارن ۾ ، سيپارن ۾ سڄڻ سامهون ،
صرف ديدار سان مطلب ، پلي چريو چون ماڻهو .

4. ڪيائين قول مون سان سي ، جي پرين پاري نباهڻ جا ،
انهيءَ اقرار سان مطلب ، پلي چريو چون ماڻهو .

5. اُڏاريان ڪانگ پٺي " حيدر " ، پهاريان اڱڻ پڙ پنهنجو ،
سندم سرڪار سان مطلب ، پلي چريو چون ماڻهو .

..............................................................

# غزل

لِـــكـــل راز آنـــدا ، عِشق عارفـــن تي،
ڳولهي لـــڌا اهـــڙا ، اسان حال بـدن تي .

نٿو ڏسي ڪو سورج ، آهي انڌو جي پيٽان ،
ڪهڙا آڻيون قـصور ، اسان تـــنِ نيڻن تي .

هـــزارين حُسن وارا ، منتظر هڪ نظر جا ،
مخفي صورت محبوب جي ، معشوق ٻڻي من تي .

محبوب دريا خالص ، پاڻي قطرا قرب جيئن ،
مون جي آهن پـــري پيتا، واري چپن تي .

دعويٰ غلط ناهي ، حاصل حضور "حيـــدر"
جيڏانهن اک ڪجي پئي،سامهون سڄڻ صحن تي .

# غزل

لـڳـا نـعـرا ، ڏِنا تـارا ، ڏينهـن ۾ رات جا ،
ڏبي منداڻتي مينهن جيئن، تيا وعدا وفا ملاقات جا .

ديـر ديـدون تي پيون ، پوئي ويا ميلا مڇي ،
دور ٿـيـا جـڙ کوڙ ،هٿا غم سي فکرات جا .

ناهي ضرورت منهن مهاندبن ، سهڻي صورت سونهن جي
وري ويـجـي واپـس ٿـيـا ، حُـسن جي حاصلات جا .

نـازڪ نتيجـا نينهـن جـا ، ڏاڍا ڏکـارا لڳا ،
بـي ثـمـر ماٺـي ويا، تـاج اُن ثـمـرات جـا

اُولـي هن عجز جي ، عشق جي استاد اڳيان ،
ڪونہ هليا "حيدر" حيلا ، زاهد جي زڪوات جا .

## "شعر"

زندگي جي رشتن کي بچائيان ڪيئن مان "حيدر" ،
هتن مان پاڻي روز پيو هارجي -

----------------

بچيو هڪ درد باقي حصي منهنجي جو "حيدر" ،
ڪٽي ويا چونڊي سيئي سُک دوست !

----------------

سچ جي سامهون کڙي ظاهر ڪريان مان روشني ،
ورنہ اونداهي ۾ مون "حيدر" ڪيا ڪئين ڏِيا روشن -

----------------

اي زمانا! اسان ملنگن تي کهڙيون ميارون "حيدر" ،
اسان واقف حال صحيح پر غافل ناهيون يار ۾ -

----------------

اسان ڪٿان وقت آڻيون، ڪريون انسان سان نفرت ،
اسان ماڻهو ملنگ "حيدر" ، ڪريون نفرت وارن سان محبت -

----------------

اگر انقلاب اخلاق آڻڻ چاهين تو تون "حيدر" ،
ڪر شروع پنهنجو پاڻ کان -

## "شعر"

محبت جي راند عجب آهي "حيدر" ،
نہ جيئڻ جهڙا رهياسون نہ مرڻ جهڙا .

-------------------

دوکو کائڻ اسان مستن لاءِ رسم وفا آهي ،
دنيا کونہ بخشيو "حيدر" حسينؑ کي ٻي .

-------------------

اسان جي عوام تر جي واري جيان آهي "حيدر" ،
جي وَسن بادل تہ باغ بهار ورنہ ٻَر ئي ٻَر .

-------------------

جي چوين تہ چئي ڏيان "حيدر" .
تنهنجي منافقت سان مون کئي محبت آ ايڏي ،
جڏهن تون چَپ چورين تو ،
تڏهن کارو کاڻ تنهنجو ڳولي لهان تو .

-------------------

اسان شرافت جي دامن کي سنڀالي رکيو آ "حيدر" ،
دنيا کجھ بہ چوي، پر اسان کي اُصولن آ ماريو .

-------------------

اسان تہ سچ سان ڪريون پيار "حيدر" ،
ڪوڙ تہ ڪنهن بہ ڌرم ۾ جائز ڪونهي ڪو .

## "شعر"

تبديلي عمر سان گڏ ايندي آهي "حيدر" .

ورنہ ياد ايندي رهندي آهہ جواني جي مستي ۔

---

دوست ۽ سڄڻ ۾ وڏو فرق "حيدر" ،

سڄڻ وُڏ ساهہ کان ، دوست چڱو دنيا ۾ ۔

---

نہ رهيو کو شوق محفل ۾ "حيدر" ،

پري کان ڏسون پيا رنگ دوستن جا ۔

---

سڀ ڪجهہ لٽايوسون "حيدر" هڪ ڪردار جي واسطي ،

هاڻ اصول ڪيئن مٽايون ، پِيري ۾ پنهنجا ۔

---

# "شعر"

نوڙي مان نانگ ٿيندو آهہ چوڻ ٿا جوتي پويان جهان لڳندو آهہ .

لٺ ساڻ "حيـــدر" پاڙو يي ماٺهو تي پوندو آهہ ،

جيڏانهن واءُ ورندو آهہ ، عوام اوڏانهن ويندو آهہ .

------------------

مونِ کي هاڻ "حيـــــدر" اچـڻ ڏپ لڳي دنيا مان ،

ڇاڪاڻ تہ انسان مڃي وانگر کائي پيو نسل پنهنجو .

------------------

اسان هٿن جي لڪيرن تي ، نٿا هلون "حيدر" ،

اسانجـو تہ آئيـنـو آهي دوست جو چهرو .

------------------

# "شعر"

زندگي ۾ "حيدر" سوين سبق پرايا سون ،

وفـــائـــن جي بجاءِ جفا ئي جفا !

-----------------

دنيا ۾ دوستو "حيدر" پلي بدنام ئي صحيح،

مگر ماٺهن وانگي اسانجا اصول مٽيا تہ ناهن-

-----------------

مـــان چـــونـــ نچان ، مـــان چـــونـــ نچا ن ،

مان عاشق لال شهباز جو مان خادم لال شهباز جو-

-----------------

عشق انسان ڪم اسانجو، صلوات درود دم اسانجو،

اهـــو اعـــلان "حيدر" جـــي آواز جـــو-

-----------------

# "شعر"

پنڊال پيو سجي اڄ، پرين آھہ پهچڻ وارو ،
گهٽيون گليون سجايو ، سرڪار آھہ اچڻ وارو .

1. سهڻا نصيب سمجهان ، چاھہ سان چُمان ،
اڪ ڪين چنبيان ، ايندو ڏسڻ وارو ۔

2. لاھي ڪين سگهندس ، ڳائي ڪين تڪندس ،
سامهون نچان گُڏان ، آهيان پسڻ وارو ۔

3. "حيدر " هِتان هُتان ڳولي پيو ۽ روئي ،
ايندو ڪٿان نظر، مون سان ملڻ وارو ۔

-------------------

# "شعر"

محب مان ڏسان ، ڪي پلي بـــربحر ۾،

هجي شل ڪو درشن، تہ دلبر جي پـر ۾ -

1۔ ٿي گونگا ۽ ٻـــوڙا ، ملي ماٺ منزل ،

نچون ٻنجي ناچــــــو ، تہ نرمل نظر ۾ -

2۔ اسان جڏهن چاتو ، اسان تڏهن ئي پاتو ،

پرين پاڻ پسايو آ ، جهرجهنگ ۽ بــــر ۾ -

3۔ "حيدر" هوش حواسن کان آهي مٿاهون ،

وجهي اڪـــڙيون ويٺس مان دلبر جي در ۾ -

## "شعر"

اسان اکيون وڇائي ويٺاسون، آمد يار واسطي،
انتظار تي ويو مشڪل، ديدار واسطي.

1. گهٽيون، گهيڙ، رستا، گهمياسين هزارين،
چريا ڪريا بنياسين، مرڪ منٺار واسطي.

2. ڇا ڇا نہ هن عشق ڪرايو اسان کان،
صفا نيچ پياسون تي، هڪ پيار واسطي.

3. غميون ۽ خُوشيون ويون سڀ لُٽجي،
هٽي اکيون بيٺاسون، در دلدار واسطي.

4. سڀ حدون اورانگهي، ڇڏيون اسان "حيدر"
سرِ عام نچياسون، هڪ سرڪار واسطي.

## وائيون

منهنجا جيءُ جيارا پيارا ،
ويندين ڪيڏانهن ڇڏي او سهڻا .

هوش عقل ٻئي ٻيوس تي پيا ،
پسندي نينهن نظارا پيارا .

اهڙيون آهون اُبريون آهن ،
ٻيٺيون ڪن سي مارا، پيارا .

هاڻي "حيدر" جي هينئڙي ۾ ،
وره ڪريو وسڪارا پيارا .

## وائيون

خالي ڏسان پيو خوابّ ،
هن جذبن جي جوت ۾ ،

هيون تقاضائون ڪئين دل جون ،
ويون ڪٽي سڀ تنهنجو حجاب .

آس بہ آهي، پياس بہ آهي ،
ٻوڙيو مونکي شوق شراب .

راهن ۾ آهن منهنجون نگاهون ،
کوليو نوري پنهنجو نقاب .

تنهنجي حسن تي "حيدر" هاٽي ،
سهڻو ناهيان ڪهڙو ڪتاب .

..............................

# وائيون

روئندي *گذاريم راتيون ڙي ،
جلد اچ تون جاني هاٺي .

پرهہ ڦٽڻ نئين بات اوهانجي ،
لنئون ۾ لاهيان لاتيون ڙي .

نيڻن ۾ ڪا ننڊ نہ آهي ،
پايان هُن هر جهاتيون ڙي .

اڪيون "حيدر" منهنجون هئي هئي ،
آهن اوهان لاءِ آتيون ڙي .

# وائـيـون

چمڪي جيئن چمڪاٽ،
ورهه واري واٽ.

نيٺ نه ٻوڙي ٻرندي، رات ڪاري ٻاٽ،
ورهه واري واٽ.

آخر ته چڙٺا پوندا، پهنجا گهر ۽ گهاٽ
ورهه واري واٽ.

چرخيءَ ڪي چوري ويندا ڦوڙي سيئي ڦاٽ،
ورهه واري واٽ.

"حيدر" همت نه هارجان ٻار نئي ڪا لاٽ،
ورهه واري واٽ.

# وائـيـون

اکين ۾ آلاڻ پيارا ،
ڳوڙهن کان رومال پسي ويو ،

ڏينهن ڏکن جا ڏاڍا ڏکيا ،
ليڪن تون اڻجاڻ پيارا .

پيار تہ اوهانجي پيدا ڪئي آ ،
سنڌ، سنڌ ، ۾ سرهاڻ پيارا .

"حيدر" هردم ڪيڏٽي آهي ،
قرب وارن جي ڪاڻ پيارا .

# وائيون

منٺڙا منهنجا موت .
تنهنجي سورن آ سوگهو . ڪيئڙو .

چاهت تنهنجي چاڙهي هٿي ويئي .
چيري اندر چوٽ .

گهور چڏيا گهاٽي چاڙهي .
گهائي ڪئين گهوٽ .

"حيدر" هاٽي ناهي منهنجو .
آڏر اهڙو اوٽ .



# غزل

اٿم دلدار سان مطلب ، ٻلي ڇريو ڇون ماٺهو

فقط هڪ يار سان مطلب ، ٻلي ڇريو ڇون ماٺهو

1. ڪري جو دور صدما سور ، تنهين ڪان دور ڪيئن گهاريان

مٿي منٺار سان مطلب ، ٻلي ڇريو ڇون ماٺهو

2. مٿي جن تان مٿو جاني ، ڇمان سي گس گهٽيون ساريون

انهيءَ بازار سان مطلب ، ٻلي ڇريو ڇون ماٺهو

3. ڏسان مسجد ۽ مينارن ۾ ، سيپارن ۾ سڄڻ سامهون

صرف ديدار سان مطلب ، ٻلي ڇريو ڇون ماٺهو

4. ڪيائين قول مون سان سي ، جي پرين پاري نباهڻ جا

انهيءَ اقرار سان مطلب ، ٻلي ڇريو ڇون ماٺهو

5. اُڏاريان ڪانگ پئي"حيدر" ، ٻهاريان اڱڻ پڻ پنهنجو

سندم سرڪار سان مطلب ، ٻلي ڇريو ڇون ماٺهو